جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | اڱارو پهرين سيپٽمبر 2026ع بمطابق 18 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 320

استنبول ۾ دفاعي اتحاد جو اجلاس، فيلڊ مارشل جون ترڪ قيادت سان ملاقاتون

ترڪي جي بچاءِ واري وزارت سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي انهن ملاقاتن جون وڊيوز به شيئر ڪيون آهن. خواجا آصف ۽ ترڪي جي قيادت ملاقاتن دوران گڏيل دفاعي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ٽنهي ملڪن جا پرڏيهي، دفاعي وزيرن ۽ هٿياربند فوجن جي سربراهن تي ٻڌل اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي اتحاد لاءِ حڪمت عملي تيار ڪندي ۽ فوجي معاملن ۾ سهڪار لاءِ عملي قدمن جو جائزو

استنبول ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ترڪي جي نمائندگي پرڏيهي وزير حاقان فيدان، دفاع وارو وزير يشار گولر ۽ چيف آف جنرل اسٽاف جنرل سلجوق بيرقدار اوغلو ڪندا

اجلاس ۾ پاڪستان جي نمائندگي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، بچاءِ وارو وزير خواجا محمد آصف ۽ هٿياربند فوجن جو سربراهه ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪندا

سعودي عرب طرفان پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان آل سعود، بچاءِ وارو وزير شهزادو خالد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود ۽ چيف آف جنرل اسٽاف جنرل فياض بن حامد الرويلي اجلاس ۾ شرڪت ڪندا

استنبول ۾ مڪي دفاعي معاهدي تحت پهرئين اجلاس کان اڳ ترڪي جي بچاءِ واري وزير يشار گولر پنهنجي پاڪستاني هم منصب خواجا آصف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز (سي ڊي ايف) فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقاتون ڪيون

استنبول (م د) استنبول ۾ مڪي دفاعي معاهدي تحت پهرئين اجلاس کان اڳ ترڪي جي بچاءِ واري وزير يشار گولر پنهنجي پاڪستاني هم منصب خواجا آصف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز (سي ڊي ايف) فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقاتون ڪيون. ترڪي جي بچاءِ واري وزارت سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي انهن ملاقاتن جون وڊيوز به شيئر ڪيون آهن. خواجا آصف ۽ ترڪي جي قيادت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

استنبول : فيلڊ مارشل عاصم منير سان ترڪي قيادت سان ملاقاتون ڪندي

شنگهائي سهڪار تنظيم جو اجلاس، بشڪيڪ ۾ موديءَ جي مسعود ملاقات

بشڪيڪ (م د) ڪرغزستان ۾ شنگهائي سهڪار تنظيم جي اجلاس جي موقعي تي پارٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

توهين عدالت، جلد ٻڌڻي واري درخواست ٻيهر رد

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ عظميٰ خان جي پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سنڌ ۾ وڌيڪ صوبا ناهڻ جي تجويز رد، ”سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي“: مراد علي شاه

سنڌ جي جاگرافيائي اڪائي بابت ڪوبه فيصلو صرف سنڌ اسيمبلي جو اختيار آهي، ورهاڱي خلاف بار بار قراردادون پاس ٿيون آهن، وڏو وزير مراد علي شاه

اپوزيشن ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي حمايت ۾ قرارداد پيش ڪرڻ جي همت ناهي، جيستائين پي پي پي ميمبر ايوان ۾ آهن صوبو اڻ ٽٽ رهندو، مراد علي شاه

هي صدين کان قائم صوبو آهي، جنهن جي عوام پاڪستان جي قيام ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو، سنڌ اسيمبلي ئي حتمي آئيني فورم آهي، وڏو وزير مراد علي شاه

سنڌ جي ورهاڱي بابت فيصلو لاهور جا واپاري، عدالتون، عوامي جلسا، ٽيليويزن سيمينار يا ڪو ٻيو فورم نه ڪندو. هي سنڌ اسيمبلي جا چونڊيل نمائندا آهن جيڪي ان معاملي تي بحث ۽ فيصلو ڪندا

سنڌس حڪومت ان مسئلي تي وڌيڪ جامع بحث جي اجازت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ تنهنڪري بحث کي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ تحريڪ التوا آندي هئي

پارلياماني قاعدن تحت هڪ تحريڪ التوا کي عام قرارداد تي فوقيت حاصل هوندي آهي ڇاڪاڻ ته اها عوامي اهميت جي حامل مسئلي تي بحث لاءِ سموري معمول جي ڪارروائي کي معطل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه سومر ڏينهن ٻيهر ان ڳالهه کي ورجايو آهي ته سنڌ جي حيثيت يا ان جي جاگرافيائي اڪائي بابت ڪوبه فيصلو صرف ۽ صرف سنڌ اسيمبلي جو اختيار آهي، هن اعلان ڪيو ته صوبو متحد رهندو ۽ ان جي مستقبل بابت سموريون بحثون صوبائي قانون سازي جي آئيني فورم ذريعي ٿيڻ گهرجن. سنڌ اسيمبلي کي خطاب ڪندي وڏي و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

مصطفيٰ ڪمال ٻڌائي ته لساني فساد، ٻوري بند لاش، ڀتاخوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ڪنهن جي سڃاڻپ آهي؟: شرجيل ميمڻ

مصطفيٰ ڪمال نفرت کي هٿي ڏئي لنڊن واري جي جانشين بڻجڻ چاهي ٿو، ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال جي بيان تي ردعمل

ڪجهه ناڪاري مثالن ۽ ڪوڙين دعوائن سان حقيقت تبديل نٿي ڪري سگهجي. شرجيل ميمڻ

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه نفرت جون ديوارون ڪيرايون آهن، مخالف ڌريون هميشه ورهاست جي سياست جي ڪوشش ڪنديون رهيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته مصطفيٰ ڪمال نفرت ڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

بيوروڪريسي احتساب کان محفوظ ۽ اڻ ڇهيل آهي: خواجه آصف

حڪمران اشرافيه خلاف ڪرپشن ۽ بدانتظامي سميت مختلف الزامن تي ڪارروائيون ڪيون ويون

پاڪستانين کي مشڪل سان احساس آهي ته بيوروڪريٽس به ملڪ تي حڪومت ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف جوچوڻ آهي ته پاڪستان ۾ حڪمران اشرافيه جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

نارووال: وفاقي وزير احسن اقبال شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي


ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاه سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

بشڪيڪ ۾ شهباز شريف ۽ ايراني صدر مسعود پزشڪيان جي اهم ملاقات

ٻئي اڳواڻ هن وقت ڪرغزستان ۾ موجود آهن، جتي شنگهائي سهڪار تنظيم جي سربراهي اجلاس جاري آهي

بشڪيڪ (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي بشڪيڪ ۾ ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ملاقات ٿي آهي، ٻئي اڳواڻ هن وقت ڪرغزستان ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

وزيراعظم شهباز شريف ٽن ڏينهن جي دوري تي ڪرغزستان جي راڄڌاني بشڪيڪ پهچي ويو

وزيراعظم شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندو ۽ علائقائي، عالمي معاملن تي پاڪستان جو موقف پيش ڪندو

وزيراعظم شهباز شريف ايس سي او پلس سربراهي اجلاس ۾ به شرڪت ڪندو وزيراعظم ورلڊ نوميڊ گيمز جي افتتاحي تقريب ۾ مهمان خصوصي طور به شرڪت ڪندو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ٽن ڏينهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

بلاول جو دادو ضلعي ۾ ٻن ڌرين ۾ زمين جي جهيڙي تي خوني ٽڪرار جي مذمت

ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي : بلاول

پوليس سميت لاڳاپيل کاتا ۽ عملدار وڌيڪ رتوڇاڻ کي روڪين ۽ امن امان قائم ڪن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو دادو ضلعي ۾ ٻن ڌرين ۾ زمين جي ٽڪرار تي خوني ويڙهه جي مذمت ڪندي چيو ته ڪنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پمز اسپتال جي فائر سيفٽي آڊٽ رپورٽ ۾ خاميون ظاهر

اسلام آباد(بيورو) پمز اسپتال جي فائر سيفٽي آڊٽ رپورٽ ۾ خامين جي نشاندهي ظاهر ڪئي وئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سنڌ ڪابينا جي زراعت بابت ذيلي ڪميٽي جو اجلاس، ڊي اي پي ڀاڻ تي امڪاني سبسڊي جو جائزو

تجويزون سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ پيش ڪيون وينديون: زراعت کاتي جو صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر

اجلاس ۾ ربيع سيزن 2026_27 لاءِ ڊي اي پي ڀاڻ جي قيمت ۾ متوقع واڌاري ۽ آبادگارن کي رليف ڏيڻ لاءِ تجويز ڪيل سبسڊي تي تفصيلي غور

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينا جي زراعت بابت ذيلي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

استنبول : وزيراعظم شهباز شريف سان ايراني صدر ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي کان روهڙي تائين 480 ڪلوميٽر ريلوي ٽريڪ جي اپ گريڊيشن هڪ اهم منصوبو آهي : شرجيل ميمڻ

سکر_حيدرآباد موٽروي پڻ سنڌ لاءِ اوترو اهم منصوبو آهي، جنهن تي وفاقي حڪومت کي فوري طور تي ڌيان ڏيڻ گهرجي

سنڌ جي وڏن شهرن ۽ صنعتي ۽ واپاري مرڪزن جي وچ ۾ بهتر روڊ رابطو معاشي ترقي لاءِ اهم آهي، حيدرآباد_سکر موٽروي ڪاروباري سرگرمين، سفري سهولتن ۽ واپاري رابطن ۾ بهتري لاءِ انتهائي اهميت وارو آهي

سکر_حيدرآباد موٽروي جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن جي وچ ۾ سفري رابطا بهتر ٿيندا پر واپار، زراعت، صنعت ۽ روزگار جي موقعن کي به هٿي ملندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي کان روهڙي تائين 480 ڪلوميٽر ريلوي ٽريڪ جي اپ گريڊيشن هڪ اهم منصوبو آهي، پر سکر_حيدرآباد موٽروي پڻ سنڌ لاءِ اوترو اهم منصوبو آهي، جنهن تي وفاقي حڪومت کي فوري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

نيئر حسين بخاري پمز سانحي تي حڪومتي ڪارروائي کي ناڪافي قرار ڏئي ڇڏيو

پمز اسپتال جو واقعو اصل ۾ مجرمانه غفلت جو ڪيس آهي هن وقت تائين زميدارن جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڇو ناهي ڪئي وئي : نيئر حسين بخاري

پمز واقعي جي سمورن زميدارن کي گرفتار ڪرڻ گهرجي ها تعزيرات پاڪستان جي تحت سمورن زميدارن جي خلاف ڪيس داخل ٿيڻ گهرجن ها

حڪومت اهڙي ڪارروائي ڪري جنهن مستقبل ۾ اهڙا واقعا نه ٿي سگهن حڪومت ۽ اپوزيشن بينچن تي ٻڌل هڪ پارلياماني ڪميٽي کي واقعي جي جاچ ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) پ پ پ جي جنرل سيڪريٽري نيئر حسين بخاري پمز سانحي تي حڪومتي ڪارروائي کي ناڪافي قرار ڏئي ڇڏيو. بيان ۾ نيئر حسين چيو ته پمز اسپتال جو واقعو اصل ۾ مجرمانه غفلت جو ڪيس آهي هن وقت تائين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

سنڌ جي وحدت خلاف هر سازش جي ڀرپور مخالفت ڪنداسين: پ پ

سنڌ جي ورهاڱي جي سوچ رکڻ وارا خوابن جي دنيا ۾ رهن ٿا، سنڌ جي وحدت خلاف هر سازش جي ڀرپور مخالفت ڪئي ويندي

اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا پاڙ ۽ پينرون آهن ۽ اهي به سنڌ جي ورهاست نٿا چاهين : ناصر شاه

سنڌ جي وحدت برقرار رکڻ لاءِ سمورا سنڌي گڏ آهن ۽ سنڌ جي ورهاست بابت ڪنهن به سوچ کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي قيادت سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪنهن به سازش کي رد ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت خلاف هر سازش جي ڀرپور مخالفت ڪئي ويندي. پ پ اڳواڻ هير سوهو چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جي سوچ رکڻ وارا خوابن جي دنيا ۾ رهن ٿا. سنڌ جي وحدت خلاف هر سازش جي ڀرپور مخالفت ڪئي ويندي ۽ ان معاملي تي ڪو به سمجهوتو نه ٿين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

منهنجي چاچي ون يونٽ ناهي پنهنجي سياست کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو: نثار کهڙو

سنڌ کي مختلف صوبن ۾ ورهائڻ سان سنڌ جو نالو ۽ سڃاڻپ ختم ٿي سگهي ٿي

سنڌ وٽ بندرگاهه، درآمدات، صنعتي شهر، معدنيات، زراعت ۽ انساني وسيلا موجود آهن

سنڌ جي وسيلن ۽ تاريخي حيثيت کي نظرانداز ڪري صوبي کي ورهائڻ جون ڳالهيون سنڌ جي وحدت ۽ سڃاڻپ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون

سنڌ بمبئي پريزيڊنسي کان آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان ناهڻ لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته سنڌ کي ٽوڙڻ وارن صوبا ناهڻ جون ڳالهيون 1950ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي وحدت کي متاثر ڪندڙ قدمن جهڙي حرڪت آهن. هن چيو ته سنڌ کي مختلف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

اسلام آباد: پ پ پ جي جنرل سيڪريٽري نيئر حسين بخاري سان نيپال جي سفير ملاقات ڪري رهي آهي

ڪراچي پوليس ڪارروايون، هفتي ۾ 776 کان گرفتار

ڪارروائين دوران گرفتار شڪي ماڻهن کان مختلف قسمن جا 114 غير قانوني هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا

هفتي دوران ڪل 37 موٽرسائيڪلون ۽ 3 وڏيون گاڏيون پڻ هٿ ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس گذريل هفتي دوران شهر ۾ ڪيل ڪارروائين جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا آهن. ڪراچي پوليس موجب، پوليس ۽ جو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ايم ڪيو ايم پاڪستان سنڌ جي ورهاڱي بابت رٽ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ تي نثار کهڙي جا ٽورا مڇي ورتا

نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث جي موقف کي ايم ڪيو ايم پنهنجي وڏي سياسي ڪاميابي ۽ پنهنجي موقف جي فتح قرار

پاڪستان پيپلز پارٽي ماضي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ڳالهائڻ کي غيرقانوني ۽ غيرآئيني قرار ڏيندي هئي : ايم ڪيو ايم

ماضيءَ ۾ مخالفت باوجود اڄ پيپلز پارٽي پاڻ ميمبرن کي هن معاملي تي بحث ۽ مباحثي جي دعوت ڏئي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان سنڌ جي ورهاڱي بابت رٽ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ تي نثار کهڙي جا ٽورا مڇي ورتا. نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث جي موقف کي ايم ڪيو ايم پنهنجي وڏي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ICIEC
EXIM
Partnerships That
POWER PROGRESS
اسلام آباد: وفاقي ناڻي واري وزير سينيٽر اورنگزيب تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ پوليس مقابلو ڀتا خور گروپ جو ڪمانڊر بلال مارجي ويو

پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ بلال مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ گينگ جي ڀتي خور بلاول طور ڪئي وئي

گينگ جي مالي مدد ۾ ملوث جوابدار بلال مبينه طور ڀتي ۾ گينگ جي مدد ڪندو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس مقابلي ۾ ڀتاخور گروپ جو ڪمانڊر ۽ شوٽر مبينه طور مارجي ويو پوليس جوابدار وٽان هٿيار ۽ گوليون هٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

مصطفيٰ ڪمال ڪراچيءَ تي مالڪي جو خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي: سعديه جاويد

سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد مصطفيٰ ڪمال تي سخت تنقيد

پنهنجي پراڻي قيادت جي جانشيني حاصل ڪرڻ لاءِ شهر تي مالڪي جو خواب ڏسي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد مصطفيٰ ڪمال تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته هو پنهنجي پراڻي قيادت جي جانشين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڦرواردات ۾ نوجوان مارجي ويو، 2 زخمي

ڇهه هٿياربند شڪي ماڻهو لُٽ مار جي ارادي سان ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيا

اتي موجود 14 کان 15 ماڻهن کان سندن موبائل فون ۽ ڪائونٽر تان 250,000 کان وڌيڪ رپيا ڦري ويا

ڪراچي (رپورٽر) سچل غازي گوٺ ۾ هڪ ريسٽورنٽ ۾ ڦرڊوران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ نوجوان مارجي ويو ۽ ٻه زخمي ٿي پيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

تعليم کاتي جي لاپرواهي، ڪراچي جو اعليٰ اسڪول سيل

ڪريم آباد ۾ واقع تاريخي دهلي گورنمينٽ اسڪول جي عمارت کي سيل ڪرڻ شاگردن جي تعليمي مستقبل لاءِ هڪ وڏو ڌڪ

ڇاڪاڻ ته هن قدم اسڪول ۾ پڙهندڙ 2,800 کان وڌيڪ شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳائي ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي تعليم کاتي جي لاپرواهي جي ڪري، ڪراچي جي بهترين سرڪاري اسڪول، دهلي گورنمينٽ اسڪول ڪريم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اڏيالا جيل جي ٽن قيدين جي خانگي اسپتال ۾ علاج جي درخواست، عدالت مان وڏي خبر اچي وئي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محمد آصف محفوظ ڪيل فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

ٽيليفون ذريعي پرڏيهه ۾ ڳالهائڻ جي سهولت فراهم ڪرڻ جي به درخواست ڪئي هئي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ خانگي اسپتال ۾ علاج جي سهولت حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٽن قيدين جون درخواستون رد ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

لاهور: پنجاب اسيمبلي جي ميمبر اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اچي رهي آهي

مديجي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو فوت

مديجي (رپورٽر) مديجي ويجهو جمالي برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

عالمي منڊي ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪا پاران ايراني ٻيٽ تي حملي ۽ تهران جي جوابي ڪارروائي ڪان پوءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

مير رضا ڪيس ۾ جاچ ڏيڻ لاءِ عدالتي ڪميشن پاران اي ميل ۽ واٽس ايپ نمبر جاري

ڪراچي (رپورٽر) مير رضا علي قتل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم ڪيل عدالتي ڪميشن عوام ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي مضبوط پارٽنرشپ سان معيشت جاندار بنيادن تي اڳتي وڌي سگهجي ٿي: ناڻي وارو وزير

حڪومت مالي گنجائش مبابق ايڪسپورٽ تي ٻڌل واڌ کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري رهي آهي

وچ اوڀر جي تازي بحران سان مهانگائي ۽ قومي پيداوار تي اثر پيا آهن پاڪستان هي حل لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

معاشي ترقي ۾ خانگي شعبي جي شموليت ضروري آهي معاشي سرگرمين جو عمل سيڙپڪاري ۽ ڪاروباري سرگرمين سان ڳنڍيل آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي ناڻي واري وزير سينيٽر اورنگزيب چيو ته ملڪ استحڪام کان واڌ ڏانهن هلي پيو آهي ايڪسپورٽ تي وڌڻ واڌ لاءِ قدمن جو سلسلو هلندڙ آهي حڪومت مالي گنجائش مبابق ايڪسپورٽ تي ٻڌل واڌ کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪردا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سنڌ جي ورهاڱي تي نه بحث ٿيندو، نه ئي سمجهوتو: اياز لطيف پليجو

سنڌ جي ورهاڱي تي ڪو به سمجهوتو ۽ ڪو به بحث نه ٿيندو، اسيمبلي ميمبرن جو فرض سنڌ جي وحدت جي حفاظت ڪرڻ آهي

بحث سنڌ جي ورهاڱي تي نه، پر پاڻي، روزگار، وسيلن، تعليم، صحت، امن، انصاف ۽ ميرٽ بابت ٿيڻ گهرجي

”ڪو به سمجهوتو نه، ڪو به بحث نه، اسيمبلي ميمبرن جو فرض سنڌ جي وحدت جي حفاظت آهي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي تي ڪو به سمجهوتو ۽ ڪو به بحث نه ٿيندو، اسيمبلي ميمبرن جو فرض سنڌ جي وحدت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

صوبن جي ڳالهه ڪندڙن کان پڇڻ گهرجي، ڇا ڪا تياري به ڪئي اٿوَ؟: مولانا فضل الرحمان

صوبن جي ڳالهه ته ڇيڙي وئي آهي پر تياري به آهي يا نه؟ سنڌ صوبو ته بالڪل به تيار نظر نٿو اچي

ملڪ ۾ حڪمراني نوازشريف کان آصف زرداري ۽ آصف زرداري کان نوازشريف تائين محدود آهي

حڪومت عوام کان شعور ۽ سوال ڪرڻ جي طاقت ڦرڻ چاهي ٿي پر هي ملڪ ڪنهن هڪ جو نه آهي

اسان سڀني جو آهي، پاڪستان سان محبت ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن سرٽيفڪيٽ يا اجازت وٺڻ جي ضرورت نه آهي

سکر (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام(ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته ملڪ ۾ انتظامي يونٽ ۽ صوبا ناهڻ بابت ڳالهيون ته ڪيون پيون وڃن پر ڇا انهي جي تياري به ڪئي وئي آهي سکر ۾ جنرل ڪونسل اجلاس کي خطا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

پشاور: وزيراعلي بلوچستان مير سرفراز بگٽي صوبائي اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي

ناليوارو هدايتڪار ۽ اداڪار غلام حيدر صديقي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (رپورٽر) ناليوارو هدايتڪار ۽ اداڪار غلام حيدر صديقي 89 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

رستم، ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان قتل

رستم (رپورٽر) رستم پرسان ڳوٺ محمد آباغ ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان قتل ڪيو ويو آهي، ناري بشريٰ ڌي عبدالله سومرو ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سنڌ حڪومت آءِ ٽي سٽي قائم ڪرڻ واري منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو

نئين انفارميشن ٽيڪنالاجي سٽي قائم ڪري مختلف ڪمپنين جون صنعتون ۽ آباديون قائم ڪيون وينديون

ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪمپنين طرفان 700 کان 800 ملين ڊالر جي سيڙپڪاري ڪرڻ جو واعدو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ملير جي ”ايجوڪيشن سٽي“ ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪمپنين لاءِ ”آءِ ٽي سٽي“ قائم ڪرڻ جي رٿابند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

حيدرآباد، پوليس ڪارروائي، آئس ۽ هيروئن هٿ، 2 جوابدار گرفتار

حيدرآباد (رپورٽر) حسين آباد پوليس نشو وڪڻندڙن خلاف وڏي ڪارروائي ڪندي 8 ڪلو گ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

عدالتي حڪم تي گورنمنٽ دهلي اسڪول کي سيل ڪرڻ خلاف سوين شاگرد، استاد ۽ والدين اسڪول جي ٻاهران احتجاج

استاد به انهي سان گڏ موجود رهيا. شاگردن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي رهيا هئا ۽ انهن روڊ تي ئي اسيمبلي به ڪئي

اسان اپيل تي عدالت وڃي رهيا آهيون، اميد آهي ته عدالت اسان کي ٻڌندي ۽ تعاون ڪندي، اسان اسڪول جي ٻارن لاءِ عدالت ۾ اپيل ڪري رهيا آهيون

اسڪول جي پرنسپل علي خان مير جٽ جو چوڻ هو ته اسان ٻارن کي ڪٿي به منتقل نٿا ڪري سگهون

ڪراچي (رپورٽر) عدالتي حڪم تي گورنمنٽ دهلي اسڪول کي سيل ڪرڻ خلاف سوين شاگرد، استاد ۽ والدين اسڪول جي ٻاهران احتجاج ڪيو جڏهن ته شاگرد اسڪول جا تالا ٽوڙي عمارت ۾ داخل ٿي ويا تفصيل موجب اسڪول/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اڱارو پهرين سيپٽمبر 2026ع بمطابق 18 ربيع الاول 1448ھ

سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن بابت وڌندڙ بيچيني

ڪراچي مان آيل خبر موجب وحدت سنڌ مارچ کي خطاب ڪندي مولانا اياز قمي 78 سالن جي سياسي سفر کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته سنڌ مستقبل وطن جي معاهدي تحت پاڪستان جي قيام ۾ شامل ٿي هئي، پر وقت گذرڻ سان ان معاهدي جي روح سان انصاف نه ڪيو ويو. سندس تقرير ۾ سنڌ جي وحدت، وسيلن، خودمختياري ۽ وفاق سان لاڳاپن بابت جيڪي سوال اٿاريا ويا آهن، اهي رڳو ڪنهن هڪ جماعت يا اڳواڻ جا سوال نه، پر سنڌ جي سياسي ۽ سماجي شعور ۾ موجود هڪ ڊگهي عرصي کان هلندڙ بحث جو حصو آهن.

پاڪستان جي قيام کي 79هون سال هلندڙ آهي. انهن ڏهاڪن ۾ ملڪ ڪيترن ئي سياسي، آئيني ۽ معاشي مرحلن مان گذريو آهي. وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اختيارن جي ورڇ، وسيلن جي مالڪي، پاڻي جي ورڇ، قدرتي ذخيرن مان حصي، روزگار، ٻولي ۽ ثقافتي سڃاڻپ جهڙا مسئلا بار بار بحث هيٺ ايندا رهيا آهن. سنڌ جي حوالي سان خاص طور تي اهو احساس مضبوط رهيو آهي ته صوبي جا قدرتي وسيلا ملڪ جي معيشت ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا، پر انهن وسيلن مان مقامي آبادي کي ملندڙ فائدي ۽ اختيارن بابت اطمينان اڃا تائين مڪمل طور پيدا نه ٿي سگهيو آهي.

مولانا اياز قمي پاران معاهدي جو حوالو ڏيڻ اصل ۾ ان بنيادي سوال ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته پاڪستان جي وفاقي ڍانچي ۾ صوبن جي آئيني حيثيت، حقن ۽ اختيارن کي ڪيترو تحفظ حاصل آهي. هڪ مضبوط وفاق اهو ئي هوندو آهي، جنهن ۾ صوبن کي پنهنجي وسيلن، ثقافت ۽ انتظامي معاملن بابت مناسب آئيني ضمانتون حاصل هجن ۽ ڪنهن به صوبي کي اهو احساس نه ٿئي ته سندس حقن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. ساڳئي وقت قومي اتحاد لاءِ پڻ ضروري آهي ته صوبائي حقن جي ڳالهه کي وفاق دشمني سمجهڻ بدران آئيني ۽ جمهوري بحث طور قبول ڪيو وڃي.

سنڌ جي ورهاڱي بابت تازن ڏينهن ۾ وڌندڙ خدشا به ان ئي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجن. ڪنهن به صوبي جي جاگرافيائي وحدت بابت سوال انتهائي حساس هوندو آهي، تنهن ڪري اهڙن معاملن تي جذباتي بيانن بدران آئيني، جمهوري ۽ پرامن سياسي بحث جي ضرورت آهي. سنڌ جي وحدت بابت سنڌ جي عوام جو موقف جيڪڏهن واضح آهي ته ان جو احترام جمهوري طريقي سان ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته اختلاف رکندڙ ڌرين کي به پنهنجي ڳالهه رکڻ جو آئيني حق حاصل رهڻ گهرجي.

قدرتي وسيلن جو معاملو پڻ نظرانداز ڪرڻ جهڙو ناهي. تيل، گئس، ڪوئلو، پاڻي، ٻيٽ ۽ سامونڊي وسيلن بابت سنڌ ۾ وقت بوقت سوال اٿندا رهيا آهن. انهن معاملن ۾ شفافيت، قانون جي بالادستي ۽ صوبن جي آئيني حقن جي پاسداري ئي اهڙو رستو آهي، جيڪو بي اعتمادي کي گهٽائي سگهي ٿو. جيڪڏهن وسيلن بابت فيصلا عوام جي سامهون شفاف انداز ۾ ٿين ۽ صوبائي ادارن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ته ڪيترائي سياسي تڪرار شدت اختيار ڪرڻ کان اڳ ئي حل ٿي سگهن ٿا.

مولانا اياز قمي جو سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن کي ڏنل پيغام پڻ غور طلب آهي. چونڊيل نمائندا ڪنهن به سياسي جماعت کان تعلق رکن، انهن جي پهرين ذميواري پنهنجي ووٽرن جي آئيني حقن جو تحفظ ڪرڻ آهي. اسيمبلي اندر سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ صوبائي اختيارن بابت سنجيده بحث ٿيڻ گهرجي ۽ نمائندن کي پارٽي مفادن کان مٿانهون ٿي عوامي مفادن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. ساڳئي وقت سياسي اختلافن جو حل اسيمبلي، عدالتن ۽ آئيني ادارن جي ذريعي ڳولڻ ئي جمهوريت جي مضبوط ٿيڻ جو رستو آهي.

عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن کي سنڌ جي مسئلن بابت عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي اپيل پڻ اهم آهي، پر ان شعور کي نفرت، فرقيواريت يا ڪنهن ٻئي گروهه خلاف دشمني ۾ تبديل ٿيڻ کان بچائڻ لازمي آهي. سنڌ جي سياسي ۽ قومي مسئلن تي ڳالهائڻ هر شهري جو حق آهي، پر زبان ۾ اعتدال، دليل ۽ حقيقتن جي پاسداري سماج جي امن لاءِ ضروري آهي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته 78 سالن جي تاريخ کي رڳو شڪايتن جي فهرست طور نه، پر سکڻ ۽ اصلاح جو ذريعو بڻايو وڃي. سنڌ جا خدشا حقيقي آهن ته انهن جو آئيني ۽ جمهوري حل ڳوليو وڃي، وفاق کي مضبوط ڪرڻو آهي ته صوبن جي حقن کي مضبوط ڪرڻو پوندو ۽ قومي يڪجهتي چاهيون ٿا ته اعتماد جي فضا پيدا ڪرڻي پوندي. سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ سڃاڻپ بابت ڪنهن به فيصلي ۾ سنڌ جي عوام کي اعتماد ۾ وٺڻ ئي بهتر حڪمت عملي آهي.

۽ سنڌ وچ ۾ فاصلو وڌائڻ بدران اعتماد جي پل تعمير ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. معاهدن، آئيني ضمانتن ۽ صوبائي حقن بابت پيدا ٿيل سوالن جو جواب طاقت يا نعريبازي سان نه، پر سنجيده سياسي ڳالهين، قانون جي بالادستي ۽ انصاف تي ٻڌل پاليسين سان ئي ڏئي سگهجي ٿو. اهو ئي رستو پاڪستان کي مضبوط ۽ سنڌ کي مطمئن ڪري سگهي ٿو.

دادو جي ڪچي ۾ رت جي راند، اٺ لاش ۽ قانون جي بي وسي

غلام مصطفيٰ جمالي

سنڌ جي ڌرتي هڪ ڀيرو ٻيهر رت سان رڱجي وئي آهي. دادو جي ڪچي واري علائقي ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي تڪرار ۽ رستي ڪڍڻ جي معاملي تان شروع ٿيل جهيڙو ڏسندي ئي ڏسندي اهڙي خونريزي ۾ تبديل ٿي ويو جنهن ۾ اٺ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي ويون، جڏهن ته ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا. هڪ معمولي تڪرار جو انجام جڏهن اٺ جنازن تائين پهچي وڃي ته پوءِ اهو رڳو ٻن ڌرين جو جهيڙو نه ٿو رهي، پر اهو سڄي معاشري، انتظاميا ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ هڪ وڏو سوال بڻجي وڃي ٿو.

پوليس موجب گوٺ دانو چانديو ۾ ٻن برادرين وچ ۾ زمين جو تڪرار هلندڙ هو. رستو ڪڍڻ جي معاملي تان اختلاف وڌيو ۽ ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. فائرنگ ايتري ته شديد هئي جو اٺ ماڻهو مارجي ويا ۽ ٽي زخمي ٿي پيا. زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته مارجي ويلن جا لاش سندن گهرن تائين پهتا ته ڪيترن ئي خاندانن جون خوشيون هميشه لاءِ ماتم ۾ تبديل ٿي ويون.

اها صورتحال اسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي ته آخر زمين، پاڻي، رستي يا ڪنهن معمولي اختلاف جو فيصلو بندوق سان ڇو ٿيڻ لڳو آهي؟ قانون موجود آهي، عدالتون موجود آهن، پوليس موجود آهي، انتظاميا موجود آهي، پوءِ ماڻهو انصاف لاءِ قانون جو دروازو کڙڪائڻ بدران هٿيار کڻي هڪ ٻئي جي سامهون ڇو بيهن ٿا؟ جيڪڏهن هڪ رستي جي تڪرار جو نتيجو اٺ انسانن جي موت جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو ته پوءِ اسان کي پنهنجي سماجي ۽ انتظامي نظام جي ڪمزوري تي سنجيدگي سان سوچڻو پوندو.

دادو سميت سنڌ جا ڪچي وارا علائقا ڊگهي عرصي کان امن امان جي حوالي سان حساس سمجهيا وڃن ٿا. درياهه، ٻيلا، ڏکين رستن ۽ ويران علائقن جو جغرافيائي ڍانچو پوليس ۽ انتظاميا لاءِ به هڪ وڏو چيلنج بڻيل آهي. ان سان گڏ قبائلي اختلاف، پراڻيون دشمنيون، زمينن جا تڪرار ۽ غيرقانوني هٿيار اهڙا عنصر آهن، جيڪي ڪنهن به معمولي جهيڙي کي وڏي خونريزي ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا.

پر سوال اهو آهي ته ڇا رڳو علائقو ڏکيو هجڻ کي هر واقعي جو سبب قرار ڏئي ڇڏڻ ڪافي آهي؟ يقيناً نه. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ قانون جي موجودگي مضبوط هجي، پوليس بروقت پهچي، ڌرين کي تحفظ جو يقين هجي ۽ ماڻهن کي انصاف ملڻ جو اعتماد هجي ته پوءِ معمولي اختلاف بندوقن تائين پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي سگهن ٿا.

اسان جي معاشري ۾ هڪ ٻيو وڏو مسئلو اهو آهي ته ڪيترائي ماڻهو قانوني ڪارروائي کي ڊگهو ۽ مشڪل سمجهي طاقت جو رستو اختيار ڪن ٿا. جڏهن ماڻهن کي اهو محسوس ٿئي ته عدالتن مان انصاف دير سان ملندو يا انتظاميا سندن مسئلو حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندي ته پوءِ هو پاڻ فيصلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙي سوچ ڪنهن به معاشري لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن هر ماڻهو پنهنجي هٿ ۾ قانون کڻي وٺندو ته پوءِ رياست ۽ قانون جي حڪمراني جو تصور ڪمزور ٿي ويندو.

وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه دادو جي گوٺ دانو چانديو ۾ فائرنگ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي ۽ وارثن سان دلي همدردي ڪئي آهي. هن آءِ جي پوليس کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪندي جوابدارن کي فوري طور قانون جي گرفت ۾ آڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعليٰ جو اهو چوڻ به اهم آهي ته ڪنهن کي قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

پر سنڌ جا ماڻهو هاڻي رڳو افسوس ۽ نوٽيس نٿا چاهين. عوام عملي قدم چاهي ٿو. هر وڏي واقعي کان پوءِ نوٽيس ورتو وڃي ٿو، رپورٽ طلب ڪئي وڃي ٿي ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون وڃن ٿيون، پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو معاملو به ٻين واقعن وانگر فائلن ۾ دفن ٿي ويندو يا واقعي جي پاڙ تائين پهچي مستقل حل ڳوليو ويندو؟

اٺ انسانن جي موت کي رڳو هڪ انگ سمجهڻ وڏي ناانصافي هوندي. انهن اٺن ماڻهن جي پويان اٺ خاندان هئا. ڪنهن گهر ۾ ماءُ پنهنجي پٽ جي واپسي جو انتظار ڪري رهي هوندي، ڪنهن ٻار پنهنجي پيءُ کي ڳوليندي دروازي ڏانهن نهاريو هوندو، ڪنهن ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ جي اچڻ جو انتظار ڪيو هوندو ۽ ڪنهن زال پنهنجي مڙس سان گڏ مستقبل جا خواب ڏٺا هوندا. پر چند گولين جي آواز انهن سڀني خوابن کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

هڪ گولي صرف هڪ ماڻهو کي نٿي ماري، اها هڪ خاندان جي مستقبل کي زخمي ڪري ٿي. هڪ لاش صرف هڪ گهر ۾ ماتم نٿو آڻي، پر ڪيترن ئي زندگين جي خوشين کي پنهنجي اندر دفن ڪري ڇڏي ٿو ان ڪري هٿيار کڻڻ کان اڳ هر انسان کي سوچڻ گهرجي ته سندس هڪ گولي ڪنهن جي سڄي زندگي برباد ڪري سگهي ٿي.

سنڌ ۾ قبائلي ۽ برادري وارا تڪرار به هڪ سنجيده مسئلو آهن. ڪيترائي اختلاف نسلن تائين هلندا رهن ٿا. هڪ نسل جي دشمني ٻئي نسل ڏانهن منتقل ٿئي ٿي ۽ پوءِ ماڻهو اهو به وساري ويهن ٿا ته اصل تڪرار شروع ڇو ٿيو هو. صرف ايترو ياد رهجي وڃي ٿو ته فلاڻي ڌر سان دشمني آهي. اهڙي صورتحال ۾ هر نئون واقعو پراڻي باهه کي ٻيهر ڀڙڪائي ڇڏيندو آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مقامي سطح تي اهڙا مضبوط نظام جوڙيا وڃن، جتي زمينن، رستن، پاڻي ۽ ملڪيتن جا تڪرار وقت سر حل ٿين. انتظاميا کي مقامي ماڻهن، چونڊيل نمائندن ۽ علائقي جي معتبر ماڻهن سان گڏجي تڪرارن جي نشاندهي ڪرڻ گهرجي. پوليس کي به رڳو واقعي کان پوءِ پهچڻ بدران اهڙن حساس علائقن ۾ اڳواٽ نگراني ۽ امن قائم رکڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي.

ان سان گڏ غيرقانوني هٿيارن خلاف به سخت ۽ بنا فرق جي ڪارروائي ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ ماڻهو آساني سان خطرناڪ هٿيار کڻي گهمي سگهن ٿا ته پوءِ ڪنهن به معمولي تڪرار جو نتيجو خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. هٿيارن جي نمائش کي طاقت جي نشاني سمجهڻ واري سوچ کي به ختم ڪرڻو پوندو.

دادو جو هي واقعو رڳو دادو جو مسئلو ناهي. هي سڄي سنڌ لاءِ هڪ وارننگ آهي. اڄ زمين ۽ رستي جي تڪرار تي اٺ ماڻهو مارجي ويا آهن، سڀاڻي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ اهڙو ئي اختلاف وڌيڪ خاندان اجاڙي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان اڄ به خاموش رهياسين ته ايندڙ وقت ۾ رت جون اهي ڪهاڻيون وڌيڪ ڏکيون ٿي سگهن ٿيون.

سنڌ جي عوام کي امن گهرجي. هاري کي پنهنجي زمين تي امن سان پوک ڪرڻي آهي، مزدور کي پنهنجي گهر واپس محفوظ پهچڻو آهي، ٻار کي اسڪول وڃڻو آهي ۽ ماءُ کي پنهنجي اولاد جي سلامتي جو يقين گهرجي. عوام اهو نٿو چاهي ته هر تڪرار جو جواب فائرنگ هجي ۽ هر جهيڙي کان پوءِ جنازا نڪرن.

اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته سنڌ ۾ طاقتور اهو هوندو جيڪو هٿيار کڻي بيهي ٿو يا اهو جيڪو قانون تي اعتماد ڪري ٿو. جيڪڏهن قانون کي مضبوط ڪيو ويو، انصاف کي تيز ڪيو ويو ۽ پوليس کي سياسي ۽ قبائلي اثرن کان آزاد ڪري پنهنجي ذميواري ادا ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو ته ڪيترائي خونريز واقعا ٿيڻ کان اڳ ئي روڪي سگهجن ٿا.

دادو جي ڪچي ۾ وهيل رت اسان سڀني کان سوال ڪري رهيو آهي ته آخر ڪيترا لاش گهربل آهن ته جيئن اسان جاڳون؟ ڪيترين مائرون روئنديون، ڪيترا ٻار يتيم ٿيندا ۽ ڪيترا گهر ماتم ۾ تبديل ٿيندا، تڏهن اسان سمجهنداسين ته زمين جو ٽڪرو انساني جان کان وڏو ناهي؟

حڪومت کي هن واقعي جي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي تائين آڻڻ سان گڏ ٻنهي ڌرين وچ ۾ تڪرار جو مستقل حل به ڳولڻو پوندو. جيڪڏهن اصل سبب ختم نه ڪيو ويو ته گرفتاريون به مسئلي جو مڪمل حل نه هونديون. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انصاف اهڙو هجي، جنهن کان پوءِ ٻيهر ڪنهن کي بندوق کڻڻ جي ضرورت محسوس نه ٿئي. اڄ دادو جي ڪچي ۾ اٺ جنازا اٿيا آهن. انهن جنازن کي رڳو هڪ خبر بڻائي وسارڻ نه گهرجي. هي جنازا اسان جي نظام لاءِ هڪ سوال، اسان جي معاشري لاءِ هڪ آئينو ۽ حڪومت لاءِ هڪ امتحان آهن. جيڪڏهن هن سانحي مان سبق وٺي قانون جي حڪمراني، امن ۽ انصاف کي مضبوط ڪيو ويو ته شايد انهن اٺن انسانن جي موت مان مستقبل لاءِ ڪو سبق پيدا ٿي سگهي. پر جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سڀ ڪجهه معمول مطابق هليو ويو، هٿيار ٻيهر نظر اچڻ لڳا، پراڻا تڪرار ٻيهر جاڳي پيا ۽ قانون وري ڪمزور نظر آيو ته پوءِ اهو سوال ضرور اٿندو ته آخر سنڌ جي ماڻهن جي جان جي قيمت ڪيتري آهي؟ زمينون رهنديون، رستا رهندا، تڪرار به ختم ٿي ويندا، پر جيڪو انسان هليو وڃي ٿو، اهو واپس نٿو اچي. تنهن ڪري وقت اچي ويو آهي ته بندوقن بدران قانون کي ڳالهائڻ ڏنو وڃي، دشمني بدران انصاف کي رستو ڏنو وڃي ۽ رت بدران امن جي فصل پوکي وڃي.

سياسي پارٽين ۾ ئي جمهوريت جو وجود ڪونهي

فقير صابر حسين راڄڙ

جڏهن فردن جي انفرادي حقن کان وٺي عوامي بنيادي سهولتن واري بنيادي حقن ۽ قومي اجتماعي حق غضب ٿيندا آهن ۽ فرد يان قومون مظلوم ٿي رياستي عتاب جو شڪار ٿيندي مظلوم ٿي وينديون آهن ته پوءِ هو منظم ٿيڻ ڏانهن پيش قدمي ڪندي متحد ٿيڻ لاءِ تنظيم ٺاهيندي منظم ٿيڻ جي عملي ڪوشش ڪنديون آهن جيڪي اڳتي هلي هڪ جمهوري پارٽي هجڻ جو وجود بڻائي رياستي ادارن تي حڪومت ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي مجرائيندي عوامي محبت مقبوليت حاصل ڪندي عوام جو اعتماد به حاصل ڪري وٺنديون آهن جڏهن نئين تنظيمي پارٽين جو وجود قائم ٿيندو آهي ته پوءِ سڀ کان پهريان پارٽي يان تنظيم کي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ آرگنائيزر مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪي تنظيم ۽ پارٽي کي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪندي عوامي رابطه مهم هلائيندا آهن جنهن ۾ هو پنهنجو منشور ۽ دستور کان وٺي پارٽي آئين پيش ڪرڻ لاءِ عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪندي عوام کي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پاڻ ڏانهن متوجه ڪندا آهن ۽ پوءِ ميمبر سازي جو عمل شروع ڪندا آهن جنهن کان پوءِ انهن ميمبرن مان يونٽ ٺاهي انهن يونٽن ۾ اليڪشن ڪرائي يونٽ ڪابينه ٺاهي ويندي آهي ۽ پوءِ يونٽ جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري کي تعلقه ڪائونسل جو ميمبر تصور ڪندي تمام يونٽ صدر ۽ جنرل سيڪريٽري کان تعلقه اليڪشن ۾ ووٽ ڪرائي تعلقه عهديدارن جي چونڊ ڪرائي ويندي آهي يان ڪن تنظيمن ۾ صرف تعلقه صدر جي چونڊ ڪئي ويندي آهي جنهن کي پنهنجي باقي ڪابينه منتخب ڪرڻ جو اختيار هوندو آهي جهڙي طرح صوبائي اسيمبلي ۾ صرف وڏي وزير ۽ اسپيڪر ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ٿيندي آهي باقي ڪابينه بظاهر وڏو وزير منتخب ڪندو آهي اهڙي طرح ساڳيو سلسلو قومي اسيمبلي ۾ به ٿيندو آهي پر ڪيترين تنظيمن ۾ هر هڪ عهدي جي لاءِ اليڪشن ٿيندي آهي اهڙي طرح ضلعه ڊويزن صوبه ۽ مرڪزي جي به چونڊ ٿيندي آهي ڇو ته مرڪزي ڪائونسل صوبائي ڊويزن ۽ ضلعه تعلقه ڪائونسل کان وٺي يونٽ ڪائونسل به هوندي آهي جنهن کي جمهوري عمل چيو ويندو آهي پاڪستان جي تمام سياسي پارٽين جنهن ۾ تحريڪ انصاف کان وٺي نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي پراڻي هجي يان موجوده پيپلزپارٽي جنهن کي زرداري ليگ يان پي پٽ پڪي پارٽي به چيو وڃي ٿو هجي سڀني جو سسٽم ساڳيو شهنشائيت وارو ئي آهي ڪنهن به پارٽي ۾ يونٽ سسٽم يان ميمبر سازي جو عمل ئي نه آهي ڇو ته پارٽي قيادت لاءِ ڪنهن به پارٽي اڳواڻ کي اهو اختيار ئي نه آهي ته هو اليڪشن ۾ حصو وٺي نه ته پارٽي مان بنيادي ميمبر شپ خارج ڪري نيڪالي ڏني ويندس باقي عهدن تي نامينيشن فارم ته ڀرائي سگهي ٿو پر اليڪٽ ٿيڻ بدران سليڪٽ ٿيندو ۽ اهو سليڪٽ ڪرڻ جو اختيار صرف پارٽي ليڊر کي ئي هوندو آهي پوءِ پارٽي قيادت مرڪزي عهدن کان وٺي صوبائي ڊويزن ضلعه ۽ تعلقه جا عهديدار منتخب ڪندي آهي ۽ ڪجهه نالي ماتر يونٽ جا به عهديدار منتخب ڪرايا ويندا آهن جنهن کي ڪو به عهديدار چيلنج ڪري ئي نه ٿو سگهي جنهن جي ڪري پارٽين ۾ موروثيت جو رجحان ۽ قبضو ٿيل آهي جهڙي طرح ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پوءِ سندس زال نصرت ڀٽو جنهن کان پارٽي قيادت چالاڪي سان محترمه بينظير حاصل ڪئي محترمه بينظير کان پوءِ آصف زرداري ۽ بلاول زرداري جنهن جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي سميت سنڌ سڄي يرغمال بڻيل آهي اهڙي طرح نواز ليگ ۾ نواز شريف يان شهباز شريف نه ته پوءِ مريم نواز مطلب شريف خاندان ئي پارٽي قيادت لاءِ اهل آهي نواز ليگ ۾ شريف خاندان کانسواءِ پارٽي قيادت لاءِ ڪو اهل ئي ڪونهي مريم نواز جي قيادت جي ڪري چوڌري نثار جو نواز ليگ جي قيادت سان اختلاف ٿي پيو ۽ هو اڄڪلهه جڻ ته نواز ليگ کان وسڙيل آهي پر سياست جي ميدان کان به في الحال ٻاهر آهي جڏهن ملڪ جي اصل حڪمرانن ۽ سياسي ماڻهن جي آقائن کي چوڌري نثار جي ضرورت محسوس ٿيندي ته پوءِ چوڌري نثار به ڪنهن پارٽي جو سربراهه به ٿي سگهي ٿو يان ڪنهن پارٽي ۾ شموليت به ڪري سگهي ٿو ۽ ملڪ جي اهم عهدي تي به اچي سگهي ٿو اها به حقيقت آهي ته پيپلز پارٽي ڀٽن ڪانپوءِ هن وقت زردارين جي ٻڌجڻ جي ڪري زرداري ليگ بڻجي وئي آهي ۽ ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ جي بهترين وفادار بڻيل آهي جيڪا اقتدار خاطر پنهنجو گهر به وڪرو ڪري سگهي ٿي

پاڪستان پيپلز پارٽي تازو تنظيم سازي جي مهم ۾ جمهوري عمل کي نوڪرشاهي شهنشائيت جو واضع ثبوت ڏنو آهي جنهن ۾ صرف دادو ضلعه کي ڏسجي ته دادو ۾ 1996 کان ضلعه صدر بڻيل رفيق جمالي کي هٽائي پير مظهر جي پٽ پير مجيب کي ضلعه صدر بڻائي ڇڏيو آهي اهڙي طرح اڳوڻي ضلعه جنرل سيڪريٽري 2016 کان مقرر ٿيل راڄڙ جي ٽائون جو چيئرمين غلام دستگير ڳوررڙ کي هٽائي فياض ڀٽ کي ضلعه دادو جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته غلام دستگير ڳوررڙ کي وري ضلعه دادو جو سينيئر نائب صدر مقرر ڪيو آهي ميهڙ تعلقه صدر محراب لاڪير کي هٽائي ضلعه دادو جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو آهي اهڙي طرح باقي پوري سنڌ ۾ عهديدار مقرر ڪيا ويا آهن جتي ڪابه تنظيم سازي نه آهي هوندي ۽ بنيادي ميمبر شپ به نه آهي هوندي اتي فرضي عهديدار به مقرر ڪبا آهن پر هنن پارٽين ۾ صرف حڪم نامي جو عملي ڪم آهي جڏهن ته سمورا پارٽي عهديدار پارٽي قيادت جا زرخريد فرمانبردار گونگا ۽ ٻوڙا ملازم يان غلام بڻيل آهن بس صرف پارٽي جي عهدن جي خواهش رکندڙن کان درخواستون گهرايون ويون جيئن سرڪاري نوڪري لاءِ خواهشمند اميدوارن کان درخوستون ورتيون وينديون آهن ۽ پوءِ ڪميشن ادا ڪرڻ وارن کي عهدا ملندا آهن ۽ اهي حڪمرانن جي حڪمن تي مختلف هنڌن تي مقرر ٿيندا آهن هت فرق اهو آهي ته هي پارٽي عهديدار صرف بدلي نه آهن ٿيندا اهڙو ساڳيو حال نواز ليگ يان تحريڪ انصاف جو به آهي مطلب جمهوري ملڪ جو جمهوري بنياد سياسي پارٽين تي ئي هوندو آهي پر جنهن ملڪ جي سياسي پارٽين ۾ ئي جمهوري عمل جو وجود ئي نه هجي ته پوءِ ان ملڪ ۾ جمهوري علي ممڪن ڪيئن ٿو ٿي سگهي پيپلز پارٽي جي پارٽي طرفان منتخب ٿيل عهديدارن کي مليل عهدن جي بابت پڇا ڪجي ته ڪنهن کي به صحيح جواب نه ايندو ته صدر جو ڪم ڇا آهي سينيئر نائب صدر جو ڪم ڇا آهي ته نائب صدر جو ڪم ڇا آهي اهڙي طرح جنرل سيڪريٽري جو ڪم ڇا آهي ۽ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري وري ڪهڙي مرض جي دوا آهي ڪنهن کي خبرئي نه هوندي ڇو ته هي تنظيمي سسٽم مان گذريا ئي نه آهن ان ڪري عهدن جي اهميت کان واقف ئي نه آهن هي بس تاقيل ئي چئي سگهجن ٿا جهڙي طرح دادو ۾ اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر مختيار ابڙو ۽ موجوده ڊپٽي ڪمشنر مرتضا علي شاهه کان سندس آفيس ۾ مسئلن جي حل لاءِ لاچاري ۽ بيوسي ڏيکارڻ تي سوال ڪيو هيو سين ته سائين توهان کي اها خبر آهي ته ڊپٽي ڪمشنر ڇٽبو ڇا کي آهي؟ ته خاموشي کي بهتر سمجهندي جواب ڏيڻ کان قاصر رهيا بحرحال ملڪ جي سياسي تمام پارٽين ۾ ئي جمهوري عمل نظر نه ٿو اچي ۽ اهي پارٽيون دعوائي ٿيون ڪن ته اسان ملڪ ۾ جمهوريت لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ اسان جمهوري عمل کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهيون اسان جمهوري ۽ اسان جمهوريت کي پٽڙي تان لهڻ ڪو نه ڏينداسين جڏهن ته سموريون پارٽيون غير جمهوري حڪمرانن جون پيداوار آهن جيڪي اقتدار تي غير جمهوري رستي سان اينديون آهن جنهن جي ڪري هنن پارٽين کي جمهوريت جي ج واري ٽپڪي جيتري به ڄاڻ نه آهي ته جمهوريت ڇٽبو ڇا کي آهي ۽ جمهوريت نافذ ڪيئن ٿيندي آهي جمهوريت کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريان سياسي پارٽين مان موروثيت جو خاتمو ڪري جمهوري عمل سان عهديدارن کي منتخب ڪرائڻ ضروري آهي ۽ جمهوري عمل لاءِ پارٽي ٺهيل آئين کي مڪمل طور تي پڙهي ان تي عمل ڪرڻ تمام ضروري آهي باقي نه ته پاڪستان کي جمهوري ملڪ چئي نه ٿو سگهجي ڪنهن فرعوني صفت انسان کي موسا چئي نه ٿو سگهجي موسا ٿيڻ لاءِ موسا جي ڪردار کي اپنائڻو پوندو آهي

بقايا *** 01

زير چيو ته هائوس (ايوان) 1948، 2000، 2014، 2019 ۽ 2026 ۾ منظور ڪيل قراردادن ذريعي سنڌ جي ورهاڱي خلاف بار بار پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ان مسئلي تي ڪيترن ئي موقعن تي بحث ٿي چڪو آهي ۽ اسيمبلي ئي ان معاملي تي غور ويچار ۽ فيصلو ڪرڻ جو حتمي فورم آهي. هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت فيصلو لاهور جا واپاري، عدالتون، عوامي جلسا، ٽيليويزن سيمينار يا ڪو ٻيو فورم نه ڪندو. هي سنڌ اسيمبلي جا چونڊيل نمائندا آهن جيڪي ان معاملي تي بحث ۽ فيصلو ڪندا. مراد علي شاهه واضح ڪيو ته سنڌس حڪومت ان مسئلي تي وڌيڪ جامع بحث جي اجازت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ تنهنڪري بحث کي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ تحريڪ التوا آندي هئي. هن وضاحت ڪئي ته پارلياماني قاعدن تحت هڪ تحريڪ التوا کي عام قرارداد تي فوقيت حاصل هوندي آهي ڇاڪاڻ ته اها عوامي اهميت جي حامل مسئلي تي بحث لاءِ سموري معمول جي ڪارروائي کي معطل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي. هن چيو ته ان بحث جو نتيجو پهرين ئي واضح آهي ته سنڌ ڪڏهن به تقسيم نه ٿيندي. وڏي وزير ٻڌايو ته تحريڪ التوا لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 34 ميمبرن جي حمايت گهربل هوندي آهي ۽ هن وڌيڪ چيو ته اپوزيشن جيڪڏهن چاهي ته اهڙي تحريڪ آڻڻ لاءِ آزاد آهي. تنهن هوندي به هن ريمارڪس ڏنا ته اپوزيشن ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي حمايت ۾ قرارداد پيش ڪرڻ جي همت ناهي. هن پنهنجو موقف برقرار رکيو ته سنڌ اسيمبلي صوبي جي مستقبل تي بحث لاءِ مناسب آئيني فورم آهي ۽ ايوان جي اندر سمورن نقطي نظر کي ٻڌو وڃڻ گهرجي. هن چيو ته اسيمبلي کي دليل جي ٻنهي پاسن کي ٻڌڻ گهرجي ۽ بحث کي ان جي منطقي انجام تائين پهچائڻ گهرجي. آئيني اصولن جو حوالو ڏيندي مراد علي شاهه چيو ته رياستي اختيار چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ اسيمبلي ئي اهو ادارو آهي جنهن کي سنڌ جي عوام جي مرضي جي نمائندگي ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي. هن چيو ته سنڌ جا چونڊيل نمائندا سنڌ جي مستقبل جو فيصلو ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته هي صوبو صدين کان قائم آهي ۽ ان جي عوام پاڪستان جي قيام ۾ هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته قرارداد پاڪستان جي توثيق پڻ ان نمائندي اداري ڪئي هئي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت ۽ سالميت جو دفاع جاري رکندي. هن اعلان ڪيو ته جيستائين پي پي پي جا ميمبر هن ايوان ۾ موجود آهن، سنڌ هڪ متحد صوبو رهندو. مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي وڪالت ڪندڙ سمورن آوازن کي سنڌ اسيمبلي پاران جواب ڏنو ويندو ۽ هن ٻيهر توثيق ڪئي ته جيڪڏهن ضرورت پئي ته ايوان اهڙي ڪنهن به تجويز جي مخالفت ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر قرارداد پاس ڪري سگهي ٿو. هن ياد ڏياريو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف هڪ قرارداد هلندڙ سال فيبروري ۾ ئي منظور ڪئي وئي هئي، جڏهن ته مخالف خيال رکندڙ ميمبرن کي پڻ اسيمبلي جي فلور تي پنهنجو موقف بيان ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو هو. پنهنجي ڳالهه کي ختم ڪندي وڏي وزير چيو ته مڪمل بحث کي يقيني بڻائڻ لاءِ هي بحث جيتري دير گهربل هجي جاري رهي سگهي ٿو پر هن ٻيهر چيو ته حتمي نتيجو تبديل نه ٿيندو. هن پختگيءَ سان چيو ته سنڌ هڪ صوبو رهندو جيڪو متحد ۽ اڻ ٽٽ آهي.

بقايا *** 02

هٿي ڏئي لنڊن واري جي جانشين بڻجڻ چاهي ٿو. ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال جي بيان تي ردعمل ڏيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ايم ڪيو ايم جي نفرت ۽ ورهاڱي تي ٻڌل سياست هاڻي رد ٿي چڪي آهي. هن چيو ته ڪجهه ناڪاري مثالن ۽ ڪوڙين دعوائن سان حقيقت تبديل نٿي ڪري سگهجي. شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه نفرت جون ديوارون ڪيرايون آهن. مخالف ڌريون هميشه ورهاست جي سياست جي ڪوشش ڪنديون رهيون آهن. هن چيو ڪراچي سنڌ جي دل ۽ پاڪستان جي معيشت جي شهه رڳ آهي. ڪراچي کي دنيا آڏو دهشتگردي ذريعي بدنام ڪندڙ هاڻي وفاق جي پنيان لڪي ويا آهن. هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي سياست هميشه ورهاست، نفرت ۽ لساني فرق جي چوڌاري ڦرندي رهي آهي. وام سندن ڪوڙي بيانيي ۽ سياسي لباڙ کي چڱيءَ ريت سمجهي چڪو آهي. انتظامي فيصلن کي لساني رنگ ڏيڻ اصل ۾ پنهنجي ناڪام سياست کي زنده رکڻ جي ڪوشش آهي. سينيئر صوبائي وزير چيو ته پيپلز پارٽي کي 18 سالن جو مهڻو ڏيندڙن کي عوام رد ڪري ڇڏيو. ان جي ابتڙ عوام هر چونڊ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي سرخرو ڪيو آهي. هن چيو ته ڪراچي سنڌ جي دل آهي ۽ رهندو. ڪو به پنهنجي وقتي مفادن لاءِ عوام کي ورهائي نٿو سگهي. پاڪستان پيپلز پارٽي بنا فرق سنڌ جي سمورن شهرين کي ترقي جا موقعا فراهم ڪيا آهن. وفاق کي جوڙيندڙ جماعت

ڪي ڪراچي جي ورهاست جو ذميوار قرار ڏيڻ مضحڪ خيز آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي سميت سڄي صوبي جي عوام جي خدمت کي پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجو مشن سمجهي ٿي. پ پ هميشه نفرت جي سياست کي شڪست ڏني ۽ امن، ترقي ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏني آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي ڪڏهن به ڪراچي کي ورهايو ناهي، پر ملڪ کي جوڙي رکڻ، سنوارڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪم ڪيو آهي. هن چيو ته عوام ڄاڻي ٿو ته سنڌن ٻارن جي هٿن ۾ بندوقون ڏئي ڪنهن سندن مستقبل برباد ڪيو. مصطفيٰ ڪمال ٻڌائي ته لساني ورهاست، ٻوريءَ ۾ بند لاش، ڀتاخوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ڪنهن جي سڃاڻپ رهيا آهن؟ شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ صدين کان مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جو گهر آهي. جڏهن ته مصطفيٰ ڪمال جهڙا سياستدان پنهنجن سياسي مقصدن لاءِ عوام ۾ نفرت کي هٿي ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 03

هر حصي کي پنهنجي ڪارروائين جي قيمت ادا ڪرڻي پئي آهي. حڪمران اشرافيه خلاف ڪرپشن ۽ بدانتظامي سميت مختلف الزامن تي ڪارروائيون ڪيون ويون. صرف بيوروڪريسي احتساب کان محفوظ ۽ اڻ ڇهيل هئي. خواجه آصف چيو ته پاڪستانين کي مشڪل سان احساس آهي ته بيوروڪريٽس به ملڪ تي حڪومت ڪري رهيا آهن. اڳوڻو گورنر جنرل غلام محمد هڪ بيوروڪريٽ هو. اڳوڻو وزيراعظم چوڌري محمد علي پڻ هڪ بيوروڪريٽ هو. اڳوڻي صدر سڪندر مرزا ۽ غلام اسحاق خان پڻ بيوروڪريٽ هئا. اهو سڀ ڪجهه اهڙي وقت ۾ ٿيو جڏهن سياستدان ظاهري طور تي اقتدار ۾ هئا. هن وڌيڪ چيو ته هو بيوروڪريٽس تي الزام نه ٿو لڳائي. سياستدانن جي نااهلي ۽ باهمي اختلافن بيوروڪريسي لاءِ جاءِ فراهم ڪئي. جيڪڏهن سياستدان پاڻ کي سڌاريندا ته پوءِ سڌارا ۽ احتساب پاڻمرادو بيوروڪريسي ۾ اچي ويندو.

بقايا *** 04

ٿ ۾ اڄ سومر جي ڏينهن في اونس سون جي قيمت ۾ 18 ڊالر جي گهٽتائي سان نئين قيمت 4 هزار 436 ڊالر جي سطح تي اچي وئي. عالمي مارڪيٽ جي اثر هيٺ مقامي سونارا بازارن ۾ اڄ ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن 24 ڪيرٽ في تولو سون جي قيمت ۾ هڪ هزار 800 روپين جي گهٽتائي سان 4 لک 66 هزار 136 روپين جي سطح تي اچي وئي. اهڙي طرح مقامي سطح تي في 10 گرام سون جي قيمت 1 هزار 414 روپين جي گهٽتائي سان 3 لک 99 هزار 636 روپين جي سطح تي اچي وئي. سون جي قيمتن ۾ گهٽتائي جي ابتڙ ملڪ ۾ في تولو چاندي جي قيمت 67 روپين جي اضافي سان 7 هزار 179 روپيه ۽ في 10 گرام چاندي جي قيمت به 57 روپين جي اضافي سان 6 هزار 154 روپين جي سطح تي اچي وئي.

بقايا *** 05

زميدارن جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڇو ناهي ڪئي وئي هن چيو ته پمز واقعي جي سمورن زميدارن کي گرفتار ڪرڻ گهرجي ها تحزيرات پاڪستان جي تحت سمورن زميدارن جي خلاف ڪيس داخل ٿيڻ گهرجن ها هن چيو ته پارليماني ڳڪميٽي جي ذريعي پمز واقعي جي جاچ ڪرائڻ گهرجي ها هن چيو ته وزيراعظم کي پارليامنٽ تي اعتماد ڪرڻ گهرجي هن چيو ته حڪومت اهڙي ڪارروائي ڪري جنهن مستقبل ۾ اهڙا واقعا نه ٿي سگهن حڪومت ۽ اپوزيشن بينچن تي ٻڌل هڪ پارليماني ڪميٽي کي واقعي جي جاچ ڪرڻ گهرجي

بقايا *** 06

دو. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد ناصر حسين شاهه چيو ته اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا پائر ۽ پيسرون آهن ۽ اهي به سنڌ جي ورهاست نٿا چاهين. هن چيو ته سنڌ جي وحدت برقرار رکڻ لاءِ سمورا سنڌي گڏ آهن ۽ سنڌ جي ورهاست بابت ڪنهن به سوچ کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو.

بقايا *** 07

صوبن ۾ ورهائڻ سان سنڌ جو نالو ۽ سڃاڻپ ختم ٿي سگهي ٿي. نثار کهڙي موجب، سنڌ وٽ بندرگاهه، درآمدات، صنعتي شهر، معدنيات، زراعت ۽ انساني وسيلا موجود آهن، جيڪي سنڌ جي معاشي مضبوطي ۽ بقا جا اهم ذريعا آهن. هن چيو ته سنڌ جي وسيلن ۽ تاريخي حيثيت کي نظرانداز ڪري صوبي کي ورهائڻ جون ڳالهيون سنڌ جي وحدت ۽ سڃاڻپ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون. سندس چوڻ هو ته سنڌ جي اجرڪ هزارين سالن کان سنڌ جي ثقافت ۽ سڃاڻپ جي علامت آهي. هن چيو ته سنڌ بمبئي پريزيڊنسي کان آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان ٺاهڻ لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. منهنجي چاچي ون يونٽ ناهي پنهنجي تاريخ ۽ سياست کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو. جڏهن ته ون يونٽ قائم ڪري سنڌ جي نالي ۽ سياسي حيثيت کي ختم ڪيو ويو. نثار کهڙي موجب، سنڌ جي ماڻهن 12 کان 15 سالن تائين جدوجهد ڪري ون يونٽ ختم ڪرايو ۽ سنڌ جو نالو ٻيهر بحال ڪرايو. هن چيو ته سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ سڃاڻپ صدين کان قائم آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن پنهنجي حقن ۽ سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ هر دور ۾ جدوجهد ڪئي آهي.

بقايا *** 08

ٿي پيو. جنهن دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شخص گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. اطلاع ملڻ تي مقامي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته وڌيڪ خونريزي کي روڪڻ لاءِ علائقي ۾ پوليس نفري مقرر ڪئي وئي آهي. پوليس موجب واقعي جي تفتيش ڪئي پئي وڃي ۽ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا *** 09

عالمي منڊي ۾ تيل جي قيمتن ۾ في بيرل هڪ ڊالر کان وڌيڪ جو اضافو ٿيو. جيئن وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار ڇهين مهيني ۾ داخل ٿيو برينٽ خام تيل جي قيمت 1.08 ڊالر يا 1.23 سيڪڙو وڌي 89.18 ڊالر في بيرل ٿي وئي. ٻئي طرف، آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ خام تيل جي قيمت 92 سينٽ يا 1.10 سيڪڙو وڌي 84.32 ڊالر في بيرل ٿي وئي.

بقايا *** 10

ان معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اي ميل ايڊريس ۽ واٽس ايپ نمبر جاري ڪري ڇڏيو آهي. عدالتي ڪميشن موجب، مير رضا ڪيس سان لاڳاپيل معلومات commission_mcr@shc.giv.pk تي اي ميل ذريعي موڪلي سگهجي ٿي. جڏهن ته عوام واٽس ايپ نمبر 0321_3850899 تي پڻ معلومات فراهم ڪري سگهي ٿو. ياد رهي ته عدالتي ڪميشن معلومات فراهم ڪندڙ ماڻهن لاءِ سنڌ حڪومت کي هڪ لک رپيا انعام مقرر ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي. واضح رهي ته سنڌ حڪومت مير رضا ڪيس جي جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي عدالتي ڪميشن قائم ڪرڻ لاءِ خط لکيو هو، جنهن تي عدالت جسٽس عمر سيال کي عدالتي ڪميشن جي سربراهي لاءِ نامزد ڪيو هو. عدالتي ڪميشن معاملي جي جاچ جو باقاعدي آغاز پڻ ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 11

ابدارن وچ ۾ 25 مقابلا ٿيا، جن ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 24 زخمي ڌاڙيلن سميت 35 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته گذريل هفتي دوران مختلف ڪارروائين ۾ 776 کان وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 18 ڪلو 555 گرام چرس، 2 ڪلو 675 گرام آئس يا ڪرسٽل ۽ هيروئن هٿ ڪئي وئي آهي. ڪارروائين دوران گرفتار شڪي ماڻهن کان مختلف قسمن جا 114 غير قانوني هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا. ڪراچي پوليس موجب، هفتي دوران ڪل 37 موٽرسائيڪلون ۽ 3 وڏيون گاڏيون پڻ هٿ ڪيون ويون. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 12

سياسي ڪاميابي ۽ پنهنجي موقف جي فتح قرار ڏنو آهي. ايم ڪيو ايم جي ڊپٽي پارلياماني ليڊر طه احمد چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ماضي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ڳالهائڻ کي غيرقانوني ۽ غيرآئيني قرار ڏيندي هئي. هن چيو ته ماضيءَ ۾ مخالفت باوجود اڄ پيپلز پارٽي پاڻ ميمبرن کي هن معاملي تي بحث ۽ مباحثي جي دعوت ڏئي رهي آهي. طه احمد چيو ته اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري جي دور ۾ هن موضوع تي ڳالهائڻ تي پيپلز پارٽي سخت اعتراض اٿاريا هئا. هن چيو ته ايوان ۾ ايم ڪيو ايم وٽ ايترا انگ ۽ پوزيشن ناهن. جو تحريڪِ التوا يا نهراءِ پيش ڪري سگهي. طه احمد موجب، ايم ڪيو ايم جي منشور جو حصو هجڻ باوجود جيڪو ڪم هو نه ڪري سگهيا، اهو ڪم اڄ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪري ڏيکاريو آهي. هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي صوبائي صدر نثار کهڙي جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته هن تحريڪِ التوا آڻي ايوان ۾ هن اهم معاملي تي بحث جو موقعو فراهم ڪيو.

بقايا *** 13

ي ڇڏيون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محمد آصف محفوظ ڪيل فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. اڊيالا جيل ۾ قيد ٽن قيدين خانگي اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ سان گڏ ٽيليفون ذريعي پرڏيهه ۾ ڳالهائڻ جي سهولت فراهم ڪرڻ جي به درخواست ڪئي هئي

بقايا *** 14

آباد جي عمارت کي عدالت جي حڪم تي سيل ڪيو ويو آهي، ۽ ان جو بورڊ پڻ ضابطن مطابق لڳايو ويو آهي. ڪريم آباد ۾ واقع تاريخي دهلي گورنمينٽ اسڪول جي عمارت کي سيل ڪرڻ شاگردن جي تعليمي مستقبل لاءِ هڪ وڏو ڌڪ آهي. ڇاڪاڻ ته هن قدم اسڪول ۾ پڙهندڙ 2,800 کان وڌيڪ شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي. چيو وڃي ٿو ته قانوني تڪرار ۽ ڪرائي جي عدم ادائيگي هن فيصلي جي بنياد بڻي ۽ تعليم ڪاتي ڪيس ۾ دلچسپي نه ورتي جيتوڻيڪ اهو ايسوسيئيشن جنهن کي اسڪول ڏنو ويو آهي، فعال نه هو چيو وڃي ٿو ته عمارت اصل ۾ دهلي اينگلو_عربيڪ ڪاليج ۽ اسڪول اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي ملڪيت هئي، جنهن کي 1970 جي ڏهاڪي ۾ قوميائيز ڪيو ويو هو سنڌ جي تعليم ڪاتي کي عمارت جو ماهوار ڪرايو مالڪن کي ادا ڪرڻو هو. جيڪي ڊگهي عرصي کان مجرمانه غفلت ۽ عدم ادائيگي جا مجرم هئا. مالڪن عدالت سان رابطو ڪيو، جنهن کان پوءِ هڪ ڊگهي قانوني جنگ کان پوءِ عدالت اسڪول کي قومي ملڪيت کان خالي ڪرڻ ۽ عمارت کي خالي ڪرڻ ۽ ڪرائي جي عدم ادائيگي جي ڪري سيل ڪرڻ جو حڪم ڏنو دهلي گورنمينٽ اسڪول (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، پرائمري ۽ سيڪنڊري) ڪراچي جو بهترين، مشهور ۽ تاريخي اسڪول رهيو آهي، جيڪو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان شاندار نتيجا ڏئي رهيو آهي ۽ ڪجهه سال اڳ ميٽرڪ ۾ پهرين پوزيشن به حاصل ڪئي هئي. اسڪول کي اوچتو سيل ڪرڻ سان خدشو پيدا ٿيو آهي ته اتي پڙهندڙ هزارين غريب ۽ وچولي طبقي جي شاگردن جو تعليمي سال سخت متاثر ٿيندو. سنڌ جي تعليم ڪاتي جو عام رويو پهريون واقعو ناهي. ان کان اڳ، ڪراچي ۾ ڪيترائي مشهور سرڪاري تعليمي ادارا، جهڙوڪ عائشه باواڻي ڪاليج ۽ اسلاميه ڪاليج ڪمپليڪس، پڻ ساڳئي تڪرارن ۽ ڪرائي جي مسئلن تي سيل ڪيا ويا آهن. سنڌ جي تعليم ڪاتي پاران اسڪول جي عمارتن جي مرمت، ليز جي تجديد ۽ قانوني ڪارروائي ۾ بروقت قدم نه کڻڻ اهڙن بحرانن جو مکيه سبب آهي. ٻئي طرف، شاگردن ڪراچي ۾ دهلي گورنمينٽ اسڪول کي سيل ڪرڻ خلاف اسڪول جي سامهون احتجاج ڪيو. ڇا توهان اسيمبلي ۾ ٻاهر نصب ڪئي هئي؟

بقايا *** 15

ريسٽورنٽ جي مالڪ جاويد اقبال موجب، ڇهه هٿياربند شڪي ماڻهو لٽ مار جي ارادي سان ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيا ۽ اتي موجود 14 کان 15 ماڻهن کان سندن موبائل فون ۽ ڪائونٽر تان 250,000 کان وڌيڪ رپيا ڦري ويا. هن چيو ته جوابدار فرار ٿيڻ دوران انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڀيوءِ شهباز مارجي ويو. جڏهن ته سندس ڀيوءِ گلزار ۽ ريسٽورنٽ جو ملازم الله دتا زخمي ٿي پيا. زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. ريسٽورنٽ جي مالڪ جو چوڻ آهي ته مددگار 15 تي واقعي جي رپورٽ ڏيڻ جي باوجود، پوليس تقريباً 45 منٽن کان پوءِ واقعي واري هنڌ پهتي. ريسٽورنٽ ۾ لڳل سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان شڪي ماڻهن جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي. خاندان موجب، مقتول شهباز اصل ۾ پنجاب جي لوڌران ضلعي جو رهواسي هو ۽ سندس تدفين سندس اباڻي علائقي ۾ ڪئي ويندي. سچل علائقي ۾ روزانو ڦرلٽ معمول بڻجي چڪي آهي ۽ شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن ٿا. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪارروائي جاري آهي. ڪراچي ۾ هن سال ڦر مزاحمت دوران مارجي ويلن جو انگ 51 تي ويو آهي

بقايا *** 16

ي حاصل ڪرڻ لاءِ شهر تي مالڪي جو خواب ڏسي رهيو آهي. هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته ماضي جو دور گذري چڪو آهي ۽ مصطفيٰ ڪمال کي پمز اسپتال ۾ پيش آيل آتشزدگي واري واقعي تي جواب ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پمز وفاقي صحت واري وزارت جي انتظام هيٺ اچي ٿو. سندس چوڻ هو ته جيڪي ماڻهو سنڌ جي ورهاست ۽ نون انتظامي يونٽن جا خواب ڏسي رهيا آهن، انهن جا اهي خواب ڪڏهن به ساپيان نه ٿيندا. هن چيو ته ماضي ۾ به الڳ ملڪ ۽ جناح پور جا خواب ڏٺا ويا هئا. پر اهي خواب ناڪام ٿيا. سنڌ جا ماڻهو ڪراچي کان ڪشمور تائين متحد هئا ۽ اڄ به متحد آهن. سنڌ هڪ هو، سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ هڪ ئي رهندو.

بقايا *** 17

ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ايس ايس پي سينٽرل مطابق پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ بلال مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ گينگ جي ڀتي خور بلاول طور ڪئي وئي پوليس چيو ته جوابدار ڀتي لاءِ فائرنگ خوف حراس ڦهلائڻ ۽ گينگ جي مالي مدد ۾ ملوث جوابدار بلال مبينه طور ڀتي ۾ گينگ جي مدد ڪندو هو هو ڪاروباري ماڻهن کي فائرنگ جي ذريعي خوفزده ڪرڻ جي ڪارروائي ۾ ملوث رهيو

پوليس ٻڌايو ته جوابدار 10 آگسٽ تي هڪ سويٽس شاپ تي فائرنگ جي واقعي ۾ ملوث هو فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار ۽ واٽهڙ زخمي ٿيا هئا ايس ايس پي سينٽرل موجب گذريل مهيني فيروز آباد جي علائقي تعمير هيٺ هڪ پلاٽ کان به ڀتو گهريو ويو رقم نه ڏيڻ جوابدار تعمير هيٺ منصوبي تي فائرنگ ڪئي جنهن جي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي هئي

بقايا *** 18

طور تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هڪ بيان ۾، هن چيو ته سنڌ جي وڏن شهرن ۽ صنعتي ۽ واپاري مرڪزن جي وچ ۾ بهتر روڊ رابطو معاشي ترقي لاءِ اٽُتر آهي. حيدرآباد_سکر موٽر وي ڪاروباري سرگرمين، سفري سهولتن ۽ واپاري رابطن ۾ بهتري لاءِ انتهائي اهميت وارو آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سکر_حيدرآباد موٽر وي جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن جي وچ ۾ سفري رابطا بهتر ٿيندا پر واپار، زراعت، صنعت ۽ روزگار جي موقعن کي به هٿي ملندي. هن چيو ته وفاقي حڪومت کي سنڌ جي اهم روڊ ۽ ريلوي منصوبن کي هڪجيتري اوليت ڏيڻ گهرجي. ريلوي ٽريڪ سان گڏ، سکر_حيدرآباد موٽر وي تي عملي اڳڀرائي پڻ ضروري آهي. سنڌ جا ماڻهو ڊگهي عرصي کان حيدرآباد_سکر موٽر وي جا منتظر آهن. تنهن ڪري منصوبي بابت صرف اعلانن جي بدران واضح ۽ عملي اڳڀرائي ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته وفاقي حڪومت کي حيدرآباد_سکر موٽر وي جي معاملي تي سنڌ جي ماڻهن کي هڪ واضح ٽائم لائن ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته وڏا روڊ منصوبا نه رڳو سفر جي سهولت جو ذريعو آهن پر روزگار، واپار، زراعت ۽ صنعت جي واڌاري ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا

بقايا *** 19

موجود آهن. جتي شنگهائي سهڪار تنظيم جي سربراهي اجلاس جاري آهي. ان کان اڳ ايراني صدر مسعود پزشڪيان جي ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي سان پڻ ملاقات ٿي هئي.

بقايا *** 20

ملاقاتن دوران گڏيل دفاعي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. واضح رهي ته ترڪي، سعودي عرب ۽ پاڪستان طرفان 7 آگسٽ تي قائم ڪيل مڪي دفاعي اتحاد جو پهريون اجلاس اڄ 31 آگسٽ تي استنبول ۾ ٿي رهيو آهي. ٽنهي ملڪن جا پرڏيهي، دفاعي وزيرن ۽ هٿياربند فوجن جي سربراهن تي ٻڌل اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي اتحاد لاءِ حڪمت عملي تيار ڪندي ۽ فوجي معاملن ۾ سهڪار لاءِ عملي قدمن جو جائزو وٺندي. ترڪي جي پرڏيهي ڪاتي جي ذريعن موجب، استنبول ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ترڪي جي نمائندگي پرڏيهي وزير حاقان فيدان، دفاع وارو وزير يشار گولر ۽ چيف آف جنرل اسٽاف جنرل سلجوق بيرقدار اوغلو ڪندا. اجلاس ۾ پاڪستان جي نمائندگي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، بچاءَ وارو وزير خواجا محمد آصف ۽ هٿياربند فوجن جو سربراهه ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪندا. سعودي عرب طرفان پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان آل سعود، بچاءَ وارو وزير شهزادو خالد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود ۽ چيف آف جنرل اسٽاف جنرل فياض بن حامد الرويلي اجلاس ۾ شرڪت ڪندا.

بقايا *** 21

جي وزيراعظم نريندر مودي جي ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ملاقات ٿي آهي. چيني صدر شي جن پنگ، روسي صدر ولاديمير پيوٽن، ايراني صدر مسعود پزشڪيان ۽ هڪ درجن کان وڌيڪ ٻين ملڪن جا اڳواڻ اڄ ڪرغزستان ۾ شنگهائي سهڪار تنظيم جي ٻن ڏينهن واري سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ گڏ ٿي رهيا آهن. روس، چين، ڀارت، پاڪستان، ايران، بيلاروس ۽ وچ ايشيا جا چار ملڪ هن تنظيم جا ميمبر آهن. جيڪا پنهنجي قيام جي 25هين سالگرهه ملهائي رهي آهي. ولاديمير پيوٽن ۽ شي جن پنگ شنگهائي سهڪار تنظيم جي اجلاسن کي گهڻ قطبي عالمي نظام جي واڌاري ۽ اولهه جي ٻيهٽ ۾ گڏيل محاذ جي اظهار لاءِ استعمال ڪندا رهيا آهن. ياد رهي ته هي اجلاس اهڙي وقت تي رهيو آهي. جڏهن روس طرفان يوڪرين تي حملي کي ساڍا چار سال ۽ واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ جنگ کي ڇهه مهينا گذري چڪا آهن.

بقايا *** 22

عمران خان جي اسپتال منتقلي بابت داخل ڪيل توهين عدالت جي درخواست جي جلد ٻڌڻي جي درخواست ٻيهر رد ڪري ڇڏي آهي. عمران خان جي ڀيڻ عظميٰ خان پي ٽي آءِ جي باني کي شفا انٽرنيشنل اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي 18 آگسٽ جي حڪم تي عمل نه ڪرڻ تي توهين عدالت جي درخواست داخل ڪئي هئي. عظميٰ خان جي درخواست ۾ چيو ويو آهي ته توهين عدالت جي درخواست کي فوري طور تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي ته هن هفتي يا ايندڙ هفتي ٻڌڻي ڪئي وڃي.

بقايا *** 23

جي دوري تي ڪرغزستان جي راڄڌاني بشڪيڪ پهچي ويو، جتي هو شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو. بشڪيڪ پهچڻ تي ڪرغزستان ڪابينه جي چيئرمين عادل بيڪ قاسمالييف وزيراعظم محمد شهباز شريف جو استقبال ڪيو وزيراعظم شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندو ۽ علائقائي، عالمي معاملن تي پاڪستان جو موقف پيش ڪندو. وزيراعظم شهباز شريف ايس سي او پلس سربراهي اجلاس ۾ به شرڪت ڪندو وزيراعظم ورلڊ نوميڊ گيمز جي افتتاحي تقريب ۾ مهمان خصوصي طور به شرڪت ڪندو. دوري جي دوران وزيراعظم شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ مختلف ملڪن جي اڳواڻن سان ملاقاتون به ڪندو جنهن ۾ گڏيل لاڳاپن، واپار، سرمائيڪاري، علائقائي تعاون ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي وزيراعظم شهباز شريف ڪرغزستان جي صدر صدارژاپاروف سان ٻطرفي ملاقات ڪندو جنهن ۾ پاڪستان ۽ ڪرغزستان جي وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن جي سمورن رخن جو جائزو ورتو ويندو. وزيراعظم جي ڪرغزستان جي دوري دوران واپار، سرمائيڪاري، توانائي، علائقائي رابطه، تعليم، سياحت ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي ڳالهيون ٿينديون. وفاقي وزير جام ڪمال خان، عليم خان ۽ عطاءالله تارڙ به وزيراعظم سان گڏ آهن.

بقايا *** 24

آهي. فائر سيفٽي ونگ 15 فيبروري 2018 تي اسپتال انتظاميه کي رپورٽ موڪلي، جنهن ۾ هن باهه جي حفاظت سان لاڳاپيل خامين جي نشاندهي ڪئي ۽ فوري طور تي اصلاحي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي. 8 جون 2023 تي پمز لاءِ "خطري جو الرٽ" جاري ڪيو ويو، جڏهن ته بند ايمرجنسي ايگزٽ ۽ کليل وائرنگ پڻ ٻين خامين جي نشاندهي ڪئي وئي.

بقايا *** 25

ڪي به قانون هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي پوليس سميت لاڳاپيل ڪاتا ۽ عملدار وڌيڪ رتو چاڙ کي روڪين ۽ امن امان قائم ڪن بلاول ڀٽو ماڻهن جي وارثن سان تعزيت ڪندي چيو ته اميد آهي ته رتوچاڙ جي ذميوارن کي جلد قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن چيو ته ڪنهن کي قانون هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي هن چيو ته ضروري آهي ته اهڙي قسم جي رتوچاڙ کان بچڻ لاءِ انتظاميان تڪرارن جي حل لاءِ اختيار استعمال ڪن

بقايا *** 26

سردار محمد بخش خان مهر جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ صوبائي وزيرن جام خان شورو، سيد ذوالفقار علي شاهه، مخدوم محبوب الزمان، خاص مددگار راجوير سنگهه سوڍو، سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو، ايڊيشنل سيڪريٽري ادريس ڪوسو، ڊپٽي سيڪريٽري خادم حسين ٻرڙو ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ربيع سيزن 2026_27 لاءِ ڊي اي پي ڀاڻ جي قيمت ۾ متوقع واڌاري ۽ آبادگارن کي رليف ڏيڻ لاءِ تجويز ڪيل سبسڊي تي تفصيلي غور ڪيو ويو. صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش خان مهر چيو ته سنڌ حڪومت آبادگارن کي ڊي اي پي ڀاڻ جي امڪاني قيمت ۾ واڌ کان رليف ڏيڻ لاءِ مختلف تجويزن جو جائزو وٺي رهي آهي. آبادگارن کي وقت سر ۽ اثرائتي رليف جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته ڪسان ڪارڊ ذريعي سنڌ جي آبادگارن کي رليف فراهم ڪيو ويندو، جڏهن ته زرعي شعبي ۾ اجتماعي نظام کي به ڪامياب بڻائڻ ضروري آهي. سب ڪميٽي پنهنجون حتمي سفارشون سياڻي سنڌ ڪابينا کي پيش ڪندي، جنهن بعد حتمي فيصلو ڪيو ويندو. صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته زرعي شعبي جي ترقي ۽ آبادگارن جي مسئلن جو حل سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. ڊي اي پي سميت زرعي شين جي مناسب قيمت ۽ دستيابي يقيناً آبادگارن جي مفاد ۾ انتهائي ضروري آهي. سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته ڀاڻ جي قيمت ۾ امڪاني واڌ جا اثر سڌوسنئون آبادگارن تي پون ٿا، ان ڪري حڪومت کي آبادگار دوست پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي. سنڌ جا آبادگار ملڪي غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. انهن کي هر ممڪن سهولت ۽ رليف فراهم ڪيو ويندو. مخدوم محبوب الزمان چيو ته آبادگارن کي زرعي خرچن ۾ رليف ڏيڻ لاءِ اثرائتي ۽ شفاف سبسڊي پاليسي وقت جي اهم ضرورت آهي. حڪومت جي ڪوشش آهي ته آبادگارن کي سهولتون فراهم ڪري زرعي پيداوار ۾ واڌاري ۽ غذائي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. خاص مددگار راجوير سنگهه سوڍو چيو ته آبادگارن کي ڊي اي پي ڀاڻ جي قيمت ۾ امڪاني واڌ کان رليف ڏيڻ لاءِ عملي ۽ قابل عمل تجويزن کي ترجيح ڏني وڃي.

بقايا *** 27

بلوچستان جي واشڪ پلانٽڪ علائقي ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل ڪامياب آپريشن ڪيو ۽ 2 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته دهشتگرد ماشڪيل پوليس اسٽيشن ۽ ڪسٽم هائوس تي حملي ۾ ملوث هئا. آپريشن ۾ دهشتگردن جي گاڏي تباهه ٿي وئي ۽ انهن کان هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو. سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته هٿ ڪيل هٿيار ۽ گولا بارود غير مسلح بلوچ ماڻهن جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ دهشتگرد ڪارروائين ۾ استعمال ٿيڻو هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته آپريشن بلوچستان مان فتنه الهندوستان جي دهشتگردن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندا.

بقايا *** 28

راادا ڪري رهي آهي. وچ اوڀر جي تازي بحران سان مهانگائي ۽ قومي پيداوار تي اثر پيا آهن پاڪستان هي حل لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ايگزم بينڪ جي اهتمام هيٺ هڪ تقرير کي خاص مهمان جي حيثيت سان ناڻي واري وزير چيو ته معاشي ترقي ۾ خانگي شعبي جي شموليت ضروري آهي. معاشي سرگرمين جو عمل سيڙپڪاري ۽ ڪاروباري سرگرمين سان ڳنڍيل آهي. حڪومت معاشي استحڪام لاءِ جتادار قدم کڻي رهي آهي. ناڻي واري وزير چيو ته ملڪ هن وقت استحڪام کان واڌ ڏانهن هلي رهيو آهي. چند سال اڳ معيشت ويهجي رهي هئي آهستي آهستي بحال ٿي رهي آهي. گذريل سال اقتصادي واڌ جي شرح 3.7 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي هئي. هلندڙ سال هن کان وڌ جي اميد آهي. ناڻي واري وزير چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته ايڪسپورٽ تي ٻڌل واڌ تي ڌيان ڏنو وڃي. هن وقت مالي خسارو 22 سالن جي سڀ کان گهٽ سطح تي آهي. پرائمري ليول جي صورتحال بهتر آهي

بقايا *** 29

جي حفاظت ڪرڻ آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف پليجي چيو ته بحث سنڌ جي ورهاڱي تي نه، پر پاڻي، روزگار، وسيلن، تعليم، صحت، امن، انصاف ۽ ميرٽ بابت ٿيڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته "ڪو به سمجهوتو نه، ڪو به بحث نه، اسيمبلي ميمبرن جو فرض سنڌ جي وحدت جي حفاظت آهي."

بقايا *** 30

ب ڪندي جي يو آءِ سربراهه چيو ته صوبن جي ڳالهه ته ڇيڙي وئي آهي پر تياري به آهي يا نه؟ سنڌ صوبو ته بالڪل به تيار نظر نٿو اچي مولانا فضل الرحمان چيو ته ملڪ ۾ حڪمراني نوازشريف کان آصف زرداري ۽ آصف زرداري کان نوازشريف تائين محدود آهي. جي يو آءِ سربراهه چيو ته حڪومت عوام کان شعور ۽ سوال ڪرڻ جي طاقت ڦرڻ چاهي ٿي پر هي ملڪ ڪنهن هڪ جو نه آهي. اسان سڀني جو آهي. پاڪستان سان محبت ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن سرٽيفڪيٽ يا اجازت وٺڻ جي ضرورت نه آهي هن چيو ته ملڪ جي آزادي کي 80 سال گذري چڪا آهن پر اسان اڄ به غ:ام بڻيل آهيون. توهان کي وڙهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو اچي، توهان سموري زندگي وڙهائڻ تي ئي سياست ڪئي آهي، هاڻ توهان کي اسان ماءُ بڻجي سيکارڻ آيا آهيون جي يو آءِ سربراهه چيو ته هر دفعي ڪو نئون اشو کڻي عوام کي بيوقوف بڻايو ويندو آهي. هن ڀيري نوان صوبا ناهڻ جو راڳ ڳائي عوام کي ٽرڪ جي بتي پويان لڳايو ويو آهي، نه ماحول آهي نه ئي ڪا تياري پر ان باوجود به نوان صوبا ناهڻ جو راڳ ڳايو پيو وڃي هن چيو ته سنڌ صوبي جي عوام ڪڏهن به صوبي کي ورهائڻ جي اجازت نه ڏيندي پهريان به ڪينال ناهڻ جي سازش ڪئي وئي، انهي تي جيڪو سنڌ جي عوام جو رد عمل آيو اهو سڀني جي سامهون آهي. هي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندا. هن چيو ته صوبا ناهڻ کان اڳ بلوچستان جي حالت تي هڪ نظر ضرور وڌي وڃي. 80 سالن کان اسان وڙهندا پيا اچون پر هنن کان ڪا ڳالهه هضم نه ٿي آهي.

بقايا *** 31

و ڪري ويو. سنڌ جو ناليوارو هدايتڪار ۽ اداڪار غلام حيدر صديقي 89 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وڇوڙي سان سنڌي فلم ۽ ڊراما انڊسٽري ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي. غلام حيدر صديقي سنڌي فلمن "گهونگهٽ لاهه ڪنوار"، "بادل" ۽ "البيلي" سميت ڪيترين ئي فلمن جي هدايتڪاري ڪئي. جڏهن ته هن اداڪاري جي شعبي ۾ پڻ پنهنجون خدمتون انجام ڏنيون. هن ڪيترن ئي سنڌي ڊرامن جي هدايتڪاري به ڪئي ۽ سنڌي فن ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. فنڪار برادري ۽ ثقافتي حلقن پاران غلام حيدر صديقي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي سندس فني خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا *** 32

نوجوان الطاف سومرو کي قتل ڪيو ويو. اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن ته مک جوابدار عبدالله سومرو کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا *** 33

رام ڪرسٽل آئس ۽ 2 ڪلو گرام کان وڌيڪ هيروئن برآمد ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس ترجمان موجب هٿ آيل منشيات جي عالمي ۽ مقامي مارڪيٽ ۾ ماليت 80 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي. پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 34

ي شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب، 1070 ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضيءَ تي نئين انفارميشن ٽيڪنالاجي سٽي قائم ڪري مختلف ڪمپنين جون صنعتون ۽ آباديون قائم ڪيون وينديون. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪمپنين طرفان 700 کان 800 ملين ڊالر جي سيڙپڪاري ڪرڻ جو واعدو پڻ ڪيو ويو آهي. اسپيشل ٽيڪنالاجي زون، ڊيٽا سينٽرز، آرٽيفيشل انٽيليجنس (اي آءِ)، آءِ او ٽي ڊيوائسز ليٿيم بيٽرين جا مرڪز قائم ڪيا ويندا. ان کانسواءِ اليڪٽرڪ گاڏين ۽ جديد ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل صنعتن جي قيام جا منصوبا پڻ شامل آهن. ذريعن موجب، آءِ ٽي سٽي جي قيام سان 10 هزار کان وڌيڪ روزگار جا موقعا پيدا ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ايجوڪيشن سٽي اندر قائم ٿيندڙ آءِ ٽي سٽي لاءِ 435 ايڪڙ زمين نوٽيفاءِ پڻ ٿي چڪي آهي، جڏهن ته وڌيڪ 635 ايڪڙ زمين ڏيڻ لاءِ منظوري جو عمل جاري آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته لاڳاپيل ڪمپنين طرفان اسپيشل ٽيڪنالاجي زون ۾ جلد عملي ڪم شروع ڪرڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته منصوبن جي باضابطا افتتاح جي تقريب پڻ منعقد ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 35

جي ٻاهران ننڍي عمر جي شاگردن ۽ شاگرديائين احتجاج ڪيو. جڏهن ته استاد به انهي سان گڏ موجود رهيا. شاگردن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي رهيا هئا ۽ انهن روڊ تي ئي اسيمبلي به ڪئي. شاگردن ۽ استادن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن اسڪول نه کوليو ويو ته روڊ تي ئي ڪلاس لڳائينداسين ڊي او سينٽرل اسڪول ايجوڪيشن نواز علي موجب اسان اپيل تي عدالت وڃي رهيا آهيون. اميد آهي ته عدالت اسان کي ٻڌندي ۽ تعاون ڪندي. اسان اسڪول جي ٻارن لاءِ عدالت ۾ اپيل ڪري رهيا آهيون اسڪول جي پرنسپل علي خان مير جٽ جو چوڻ هو ته اسان ٻارن کي ڪٿي به منتقل نٿا ڪري سگهون. چوڌاري ڪوبه ايترو وڏو اسڪول موجود نه آهي جتي ايتري وڏي تعدرد تعليم هيٺ آهن استادن موجب تعليم واري وزير سردار شاهه کان گذارش ڪريون ٿا ته اسڪول جي عمارت خريد ڪري اسان جي حوالي ڪئي وڃي. اسڪول جي هڪ تاريخ آهي. 1965ع کان 1996ع تائين ساڳيو اسڪول ميٽرڪ سائنس ۾ پوزيشن کڻندو رهيو آهي. هن سال به ميٽرڪ ۾ اسڪول جو نتيجو 93 سيڪڙو هو ڊائريڪٽر اسڪولز ڪراچي ارشد بيگ موجب اسڪول جي عمارت سال 2007 ۾ به عدالتي حڪم تي سيل ٿي وئي هئي. 2007 ۾ انهي وقت جي سٽي ناظم مصطفيٰ ڪمال انهي سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ شاگرد سيل کولي اندر داخل ٿي ويا هئا. هن چيو ته انهي وقت کان هينئر تائين عدالت ۾ ڪيس جي فالو ڪري رهيا هئاسين. اسان مسلسل لاڳاپيل ڌر کي اسڪول جو ڪرايو به ادا ڪري رهيا هئاسين. جون 2026ع تائين جو ڪرايو اسان لاڳاپيل ڌر کي ادا ڪيو آهي ارشد بيگ چيو ته روينيو ڊپارٽمينٽ ۽ ڪمشنر ڪراچي کان استدعا آهي ته عمارت جي خريداري جي سلسلي کي تيز ڪريو. ٻارن کي ٻئي اسڪول ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ به قدم کڻي رهيا آهيون پر ٻار وڃڻ لاءِ تيار نه آهن اهڙي صورتحال کان پوءِ ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ عادل عسڪري دهلي اسڪول پهتو ۽ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته عدالت جو احترام ڪريون ٿا پر هنن ٻارن سان به گڏ آهيون. ڪمشنر کان پڇنداسين ته جڏهن تعليم ڪاتي اسڪول جي عمارت خريد ڪرڻ جي لاءِ خط لکيو هو ته انهي تي ڪم ڇو ناهي ڪيو ويو. هن چيو ته انهي معاملي کي اسيمبلي جي فلور تي به اٿارينداسين. جنهن ڌر ڪيس داخل ڪيو آهي انهي کي چوندس ته هنن ٻارن جي مستقبل جو به سوچو. هي جو 2800 ٻار ڪيڏانهن ويندا. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته تعليم واري وزير مون کي يقين ڏياريو آهي ته انهي معاملي کي ڏسي رهيا آهيون. جڏهن ته هن وڌيڪ چيو ته اسان اهو به پڇنداسين ته ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جا وڪيل ايتري وقت کان وٺي ڇا ڪري رهيا هئا.

بقايا عوامي سوچ 01

ڪيو ويو. ريلي مرڪزي مرتضوي امام بارگاهہ مان برآمد ٿي. جيڪا گول چڪرا بازار جي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب نواب شاهہ پهچي پڄاڻيءَ تي پهتي. ريليءَ ۾ مومنين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ حضور اڪرم صہ ۽ حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي ولادت باسعادت جي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. جشنِ صادقين ريليءَ کي شيعہ علماء ڪائونسل صوبي سنڌ جي نائب صدر مولانا ڪفايت حسين ڪريمي، زوار محمد حسين چانديو، مولانا عطاءِ حسين چانديو، مولانا محمد نواز سنجراڻي، غلام عباس سيال، وسيم ڪوڪر، فياض حسين ليکي، سجاد حسين اڃڻ، آصف الحسيني، سلامت ساجدي ۽ رزاق پٽي خطاب ڪندي چيو تہ ربيع الاول جو مقدس مهينو رسولِ اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جيءَ ولادت باسعادت ۽ سندن فرزندِ معنوي حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي ولادت جي خوشين جو مهينو آهي. مقررين چيو تہ نبي ڪريم صہ پوري انسانيت لاءِ رحمت بڻجي تشريف آندي. پاڻ سڳورن صہ جهالت، ظلم، ناانصافي ۽ تعصبن جو خاتمو ڪندي انسانيت کي اخوت، مساوات، عدل و انصاف ۽ امن جو درس ڏنو. اڄ امتِ مسلمہ کي گهرجي تہ اها سيرتِ رسول اڪرم صہ کي پنهنجين زندگين ۾ نافذ ڪري ۽ باهمي اختلافن کي ختم ڪري اتحاد ۽ وحدت جو عملي مظاهرو ڪري. هنن چيو تہ حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام علم و دانش، اخلاق ۽ اسلامي تعليمات جي فروغ ۾ عظيم ڪردار ادا ڪيو. پاڻ سڳورن پنهنجي دور ۾ علومِ آلِ محمد صہ کي عام ڪيو ۽ هزارين عَلم جي پياسن سندن علمي فيض مان استفادو حاصل ڪيو. امام جعفر صادق عليہ السلام جون تعليمات مسلمانن لاءِ اتحاد، علم، تقويٰ ۽ ڪردارسازيءَ جو روشن رستو آهن. مقررين وڌيڪ چيو تہ جشنِ ميلادِ مصطفيٰ صہ ۽ جشنِ ولادتِ امامِ جعفر صادق عليہ السلام جو پيغام محبت، اخوت، اتحاد ۽ وحدتِ امت آهي. پاڪستان ۾ سيني مڪتبن کي گهرجي تہ اهي باهمي احترام کي فروغ ڏين ۽ ملڪ ۾ امن، پائيچاري ۽ مذهبي هم آهنگيءَ جي قيام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ريليءَ ۾ شيعہ علماء ڪائونسل جعفريہ يوٿ جي ڪارڪنن ۽ مومنين ڀرپور شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 02

هدايت الله، سومرا برادري ۽ اتحاد اهلِ سنت پاران هڪ شاندار ۽ روح پرور جلسو منعقد ڪيو ويو. جلسي جي صدارت سائين جان آغا جان مجددي فاروقي سرهندي ڪئي. جلسي ۾ مختلف علائقن مان آيل علماءِ ڪرام، حفاظِ عظام، نعت خوانن ۽ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي علماءِ ڪرام پنهنجي خطابن ۾ حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي سيرتِ طيبہ، اخلاقِ مبارڪ ۽ انسانيت لاءِ ڏنل تعليمات تي روشني وڌي. جڏهن تہ نعت خوانن حضور پاڪ صہ جي شان ۾ نعتون پيش ڪري محفل کي روح پرور بڻائي ڇڏيو. جلسي دوران عاشقانِ رسول صہ پاران درود و سلام ۽ نعرا پڙهيا ويا. آخر ۾ مرحوم حافظ اعجاز علي سومروجي مغفرت، ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 03

وسمي حالتن سبب يوسي سوندا سميت ساموندي پٽي سان لاڳاپيل ڪيترائي ماهيگير روزگار کان محروم ٿي ويا آهن. جنهن ڪري غريب ماهيگير، هاري ۽ پورهيت خاندانن جو گذر سفر انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي. متاثر ماڻهو مجبوري تحت ديوي ۽ ٻين جهنگلي وڻن جون سڪل ڪاٺيون گڏ ڪري وڪرو ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ تي مجبور آهن. مقامي رهواسين موجب سوندا لڳ لنڪ ڪئنال جي پرسان ديهہ سونهري جي نان ڪلاس ايريا مان غريب ماهيگير ۽ پورهيت ڪاٺيون گڏ ڪري پنهنجي روزگار جو وسيلو بڻائي رهيا آهن. الزام آهي تہ علائقي ۾ پاڻ کي هڪ بااثر ڏرجو ڪمدار سڏائيندڙ عابد علي خاصخيلي مبينا طور ڪاٺيون ڪٽي ويندڙ غريبن کان هر گڏهہ گاڏي جي حساب سان ٽي کان چار سئو رپيا وصول ڪري، ان کان پوءِ کين ڪاٺيون ڪٽڻ جي اجازت ڏئي ٿو. علائقي جي سماجي ڪارڪن ۽ فشرفوڪ فورم جي اڳواڻ حبيب الله ڀنڀرو مبينا ڀتي وصولي تي اعتراض ڪندي سوال اٿاريو تہ مسڪين ماهيگيرن ۽ پورهيتن کان "گنڊا ٽيڪس" ڇو ورتو پيو وڃي. جڏهن تہ اهي ماڻهو روزگار نہ هجڻ سبب پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ ڪاٺيون گڏ ڪرڻ تي مجبور آهن. حبيب الله ڀنڀرو ۽ ٻين مقامي ماڻهن جو الزام آهي تہ اعتراض ڪرڻ ۽ غريبن جي حق ۾ آواز اٿارڻ کان پوءِ مٿن مبينا طور ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي آهي. جنهن ذريعي کين حق ۽ سچ ڳالهائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سماجي اڳواڻن ۽ علائقي واسين اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي مبينا ڀتي وصولي بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن. غريب ماهيگيرن ۽ پورهيتن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ٿيو آهي تہ ان جي بہ قانون موجب جاچ ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 04

آهن. ساموندي طوفان، تيز هوائن، تيز برساتن ۽ ٻوڏ سبب ساموندي پٽي ۾ رهندڙ ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. جڏهن تہ روزگار جا ذريعا متاثر ٿيڻ ڪري غريب خاندان سخت معاشي پريشانين ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. اهڙين ڏکي حالتن ۾ ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي تنظيم شڪاگو فرينڊز آف پاڪستان پاران موسمياتي تبديلي کان متاثر خاندانن جي مدد جو سلسلو جاري آهي. تنظيم پاران ڪاشف اقبال ٿليسيميا ڪيئر سينٽر جي سهڪار سان متاثر ۽ مستحق خاندانن ۾ راشن،

ڪپڙا، دوائون ۽ ٻيون ضروري شيون ورهايون پيون وڃن. ان سلسلي ۾ تعلقي گهوڙاٻاري جي هڪ ساموندي ڳوٺ ۾ 300 مستحق خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو. راشن جي ورڇ واري موقعي تي وڏي انگ ۾ مقامي ماڻهو موجود هئا. جن ڏکي وقت ۾ امداد فراهم ڪرڻ تي شڪاگو فرينڊز آف پاڪستان ۽ ڪاشف اقبال ٿليسيميا ڪيئر سينٽر جا ٿورا مڃيا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪاشف اقبال ٿليسيميا ڪيئر سينٽرجي اڳواڻن شمائلا خالد، خالد آرائين ۽ ڊاڪٽر امير چيو تہ موسمياتي تبديلي ۽ قدرتي آفتن کان سڀ کان وڌيڪ ساموندي علائقن جا غريب خاندان متاثر ٿين ٿا. جن لاءِ معمول جي زندگي بحال ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي وڃي ٿو. اهڙن خاندانن جي فوري مدد اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي. هنن ٻڌايو تہ شڪاگو فرينڊز آف پاڪستان پاران رڳو راشن فراهم ڪرڻ تائين مدد محدود ناهي. پر قدرتي آفتن سبب بي گهر ٿيل خاندانن لاءِ گهر پڻ تعمير ڪري ڏنا ويا آهن. ان کان علاوه مختلف ڳوٺن ۽ اسڪولن ۾ 700 کان وڌيڪ واش رومز تعمير ڪرايا ويا آهن. ڪاشف اقبال ٿليسيميا ڪيئر سينٽر جي اڳواڻن چيو تہ مستحق شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليمي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي کين اسڪول بيگ، ڪتاب ۽ اسڪول يونيفارم پڻ فراهم ڪيا پيا وڃن. تہ جيئن غربت ۽ قدرتي آفتن سبب ٻارن جي تعليم متاثر نہ ٿئي. هنن چيو تہ موسمياتي تبديلي جي اثرن کان متاثر ساموندي آبادي جي بحالي هڪ ڊگهو عمل آهي. جنهن لاءِ سرڪاري ادارن سان گڏ فلاحي تنظيمن ۽ مخير حضرات کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا عوامي سوچ 05

جيان هن سال بہ شجرڪاري مهم جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. جنهن جو مقصد ڪچي جي ٻيلن جي بحالي ۽ قدرتي ماحول جو تحفظ ڪرڻ آهي. شجرڪاري مهم جي سلسلي ۾ ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سکر زياد الله لغاري پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪچي جي علائقن ۾ پهچي مختلف هنڌن تي شجرڪاري جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي رينج فاريسٽ آفيسر احسن برڙو، رينج فاريسٽ آفيسر سعيد احمد ڪوسو، محسن علي ملڪ سميت محڪمہ ٻيلن جا ٻيا آفيسر ۽ اهلڪار پڻ موجود هئا. ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر زياد الله لغاري چيو تہ سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ڪچي جي علائقن ۾ ري جنريشن آپريشن تحت شجرڪاري جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو محڪمہ ٻيلن پاران هر سال باقاعدگي سان جاري رکيو ويندو آهي. هن چيو تہ هن سال بہ هزارين ايڪڙ زمين تي مختلف قسمن جا ٻج پوکڻ جو عمل جاري آهي. جنهن جو مقصد ڪچي جي ٻيلن کي بحال ڪرڻ سان گڏ قدرتي ماحول ۽ جهنگلي جيوت جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. زياد الله لغاري چيو تہ شجرڪاري ماحولياتي آلودگي ۾ گهٽتائي، قدرتي ماحول جي بحالي ۽ ماحولياتي توازن برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جڏهن تہ سنڌو درياهہ جي ڪچي وارن علائقن ۾ ساوڪ بحال ٿيڻ سان جهنگلي جيوت لاءِ پڻ سازگار ماحول فراهم ٿيندو. هن وڌيڪ چيو تہ محڪمہ ٻيلن جون ٽيمون شجرڪاري سان گڏ پوکيل ٻوٽن ۽ پوکيل ٻجن جي سار سنڀال ۽ حفاظت تي پڻ خاص ڌيان ڏئي رهيون آهن. تہ جيئن ري جنريشن آپريشن جا ڀرپور نتيجا حاصل ڪري سگهجن ۽ ڪچي جي ٻيلن کي وڌيڪ هٿي ڏئي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 06

مولانا مقصود ڊومڪي، مولانا محمد نقي حيدري، نثار احمد چانديو، مولانا سرفراز مهدي، زوار آفاق علي تمراڻي ۽ ٻين علماء ڪرام ۽ مذهبي اڳواڻن ڪئي. ريلي مدرسہ امام علي عليہ السلام کان شروع ٿي ريلي جو شهر ۾ دڪاندارن ۽ شهرين پاران شاندار آجيان ڪندي مٿان گلن جي ورڪا ڪئي ويئي شرڪاء هٿن ۾ بينرءِ نعرا ڪٽي "لبيڪ يا رسول الله" ۽ "ميلاد النبي صہ" جا فلڪ شگاف نعرا هڻندا رهيا. ريلي شهر جي مک چونڪ تي پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ حضرت محمد مصطفيٰ صہ پوري ڪائنات لاءِ رحمت العالَمين بڻجي آيا. سندن سيرت تي عمل ڪرڻ ئي اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ايمان جو حصو آهي. هنن چيو تہ اتحاد، پائيچاري ۽ امن جو پيغام ئي نبوي تعليمات جو مرڪزي نقطو آهي. ريلي جي اختتام تي امام زمانہ عجل الله تعاليٰ فرجہ الشريف جي جلد ظهور ۽ ملڪ جي سلامتي، امن ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. جڏهن تہ انتظاميا طرفان ريلي جي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. پوليس ۽ رضاڪارن ريلي جي رستي تي فرائض سرانجام ڏنا.

بقايا عوامي سوچ 07

اهڙن خيالن جو اظهار تقريب جي خاص مهمان سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن اديب شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت ضلعي مٽياريءَ جي رابطا سيڪريٽري اداس سولنگي گل حسن ٽگڙ لائبريري پاران بهترين استاد تاج محمد جسڪاڻيءَ جي مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي صاحب رهاڻ تاج محمد جسڪاڻيءَ چيو تہ دوستن جون ڏنل محبتون ۽ عزتون منهنجي حياتيءَ جو انمول تحفو آهن گل حسن لائبرري جي روح روان ۽ بهترين ليکڪ استاد گلشير ٽگڙ چيو تہ تاج محمد جسڪاڻي تعليم جي حوالي سان هڪ شاندار ڪردار آهي تعليم جي ميدان ۾ سندس ڪوششون ڪاوشون اڻ وسرندڙ آهن ان موقعي تي گل شير ٽگڙ جلال ٽگڙ سهراب خان ٻاٽي علي شير ٽگڙ ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ تاج محمد جسڪاڻيءَ جي علمي خدمتن تي روشني وڌي ان موقعي تي معصوم ٻارڙن ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ بابو ٽگڙ ٻينجي تي خوبصورت ڏنون وڄائي تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

بقايا عوامي سوچ 08

مريض سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا. شهر ۽ آس پاس جي علائقن مان علاج لاءِ ايندڙ ڪيترائي مريض مناسب طبي سهولت ۽ دوائون نہ ملڻ سبب علاج ڪرائڻ کانسواءِ ئي گهرن ڏانهن واپس وڃڻ تي مجبور. مريضن ۽ شهرين لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي اسپتال ۾ ڊاڪٽر، دوائون ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. دڙو جو رورل هيلٿ سينٽر، جيڪو شهر توڙي آس پاس جي علائقن جي ماڻهن لاءِ اهم سرڪاري صحت مرڪز آهي. اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي وڏي کوٽ ۽ بنيادي طبي سهولتن جي اڻاٺ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريض سخت پريشان نظر اچن ٿا. مريضن جو چوڻ آهي تہ هو پري پري کان اميد کڻي سرڪاري اسپتال پهچن ٿا، پر ڊاڪٽر ۽ طبي سهولتون نہ ملڻ ڪري کين مايوس ٿي واپس وڃڻو پوي ٿو. اسپتال ۾ دوائن سميت ٻين ضروري سهولتن جي کوٽ جون پڻ شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. مريضن موجب علاج لاءِ اچڻ باوجود کين مناسب طريقي سان چڪاس ۽ دوائون نہ ٿيون ملن. جنهن ڪري خاص طور تي غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ علاج ڪرائڻ وڌيڪ ڏکيو بڻجي ويو آهي. ڪيترائي مريض علاج جي سهولت نہ ملڻ سبب اسپتال مان واپس وڃڻ تي مجبور ٿين ٿا. جڏهن تہ شهرين جو چوڻ آهي تہ صحت جي بنيادي سهولت لاءِ قائم ڪيل سرڪاري اسپتال جي اهڙي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي. مريضن ۽ مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ رورل هيلٿ سينٽر پي پي ايڇ آءِ جي حوالي ٿيڻ کانپوءِ بہ مختلف مسئلا ختم نہ ٿي سگهيا آهن. سندن چوڻ آهي تہ اسپتال ۾ صحت جون بنيادي سهولتون يقيني بڻائڻ سان گڏ ڊاڪٽرن جي موجودگي، ضروري دوائن جي فراهمي ۽ مريضن جي مناسب چڪاس جو مؤثر نظام قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. شهرين موجب جيڪڏهن سرڪاري اسپتال ۾ ئي مريضن کي علاج جون سهولتون نہ ملنديون تہ غريب ماڻهو خانگي اسپتالن جو مهانگو علاج ڪيئن ڪرائي سگهندا؟ مريضن مطالبو ڪيو آهي تہ لاڳاپيل صحت کاتو ۽ پي پي ايڇ آءِ انتظاميا دڙو جي رورل هيلٿ سينٽر جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺن. اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ ختم ڪري، ضروري دوائون ۽ طبي سامان فراهم ڪرڻ سان گڏ مريضن کي بروقت ۽ بهتر علاج جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 09

ڪچهري منعقد ڪئي وئي. کلي ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ لکي ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مختلف کاتن سان لاڳاپيل ملازمن ۽ عام شهرين پاران پنهنجون شڪايتون ۽ مسئلا پيش ڪيا ويا. کلي ڪچهري دوران شهرين تعليم، پوليس، پبلڪ هيلٿ، ميونسپل، هيلٿ، ايريگيشن ۽ روينيو کاتن سان لاڳاپيل مسئلن بابت ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ کي آگاهي ڏني. ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سکر احمد علي قريشي شهرين جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ عوام پاران پيش ڪيل سمورين شڪايتن جو قانون ۽ ضابطن موجب جلد کان جلد حل ڪيا وڃن. تہ جيئن عام ماڻهن کي سرڪاري آفيسن ۾ غير ضروري پريشاني ۽ مشڪلاتن کي منهن نہ ڏيڻو پوي - ان موقعي تي ڳالهائيندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي احمد علي قريشي چيو تہ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ بنا ڪنهن معاوضي جي خدمتون فراهم ڪري ٿو ۽ شڪايت داخل ڪرائڻ لاءِ ڪنهن وڪيل جي ضرورت ناهي. هر شهري سادي ڪاغذ تي پنهنجي شڪايت لکي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سکر جي آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو، يا آنلائن ايپليڪيشن موڪلي سگهي ٿو تہ جيئن عوام کي شڪايتون داخل ڪرائڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏکيائي پيش نہ اچي. هن وڌيڪ چيو تہ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي عوام جا مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جو فوري ازالو ڪرڻ لاءِ اڄ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس تعلقہ لکي ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي آهي. جنهن جو مقصد عوامي مسئلن کي سندن دروازي تي ئي ٻڌڻ ۽ فوري طور حل ڪرڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 10

جتي سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن ۽ برادري جي معزز شخصيتن پاران سندن شاندار استقبال ڪري کين سنڌ جي ثقافتي روايت موجب اجرڪون اوڍائي سندن مانائتو استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي وڏيرو حاجي ابراهيم بروهي، ڏاڏو آدم گندرو، ڊاڪٽر سڪندر ملاح، آغا طاهر مهراب ملاح، محمد بخش سميت سنڌ ملاح فورم جا ٻيا معزز اڳواڻ پڻ موجود هئا. ان موقعي تي سنڌ ملاح فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، زوالفقار ملاح، ڏاڏو آدم گندرو، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي چيو تہ برادري جي معزز شخصيتن جي اهڙي آمد سان باهمي رابطن کي هٿي ملڻ سان گڏ سماجي ۽ برادري جي معاملن تي هڪ ٻئي سان صلاح مشوري جو سلسلو وڌيڪ مضبوط ٿيندو. هنن چيو تہ هن وقت ملڪ ۾ مهنگائي، بيروزگاري، تيل جي قيمتن ۾ اضافي سبب غريب طبقو سخت پريشان آهي. پر پورهيتن جي اجوري ۾ ڪوبہ اضافو نٿو ڪيو وڃي. هنن چيو تہ سنڌ ۾ وڏي ابادي ملاح، ماهيگيرن جي هوندي بہ کين هر دور ۾ مڙني بنيادي سهوليتن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي. هنن گهر ڪئي تہ ملاح ماهيگيرن کي بہ سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري ڀين جيئڻ جو حق ڏيئي ملڪ مان منهنگائي، بيرزگاري، بدامني جو خاتمو آڻي عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 11

اندار ريلي ڪڍي وئي. جيڪا نهرِ فرات کان شروع ٿي ۽ شهر جي مختلف چوڪن ۽ بازارن مان گذرندي پرامن طريقي سان اختتام پذير ٿي. ريلي ۾ وڏي انگ ۾ مومنين، نوجوانن ۽ ٻارڙن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن جي

هٿن ۾ "يا محمد صہ، يا علي، يا زهرا" ۽ "جشنِ صادقين مرحبا" جا بينر ۽ جهنڊا موجود هئا. جڏهن تہ ريلي دوران "لبيڪ يا رسول الله"، "نعرو حيدري يا علي" ۽ "الصلوٰة والسلام عليہ يا رسول الله" جا نعرا بلند ڪيا ويا. جنهن سان شهر جو ماحول مذهبي جوش ۽ عقيدت سان گونجي اٿيو. ريلي کي مولانا فياض حسين انقلابي، علي حسن حسيني ۽ ساجد علي ساجدي سميت ٻين مقررين خطاب ڪندي چيو تہ عيد ميلادالنبي صہ سڄي انسانيت لاءِ رحمت ۽ هدايت جو پيغام آهي. جڏهن تہ جشنِ صادقين اسان کي امام جعفر صادق علَيہ السلام جي علم، تقويٰ ۽ سيرت مان رهنمائي حاصل ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. هنن چيو تہ نبي ڪريم صہ ۽ آلِ رسول صہ جي تعليمات تي عمل ڪنَدي معاشري ۾ امن، محبت ۽ پائيچاري کي هٿي ڏيڻ سان گڏ نوجوان نسل کي اهلِ بيت عليهم السلام جي سيرت ۽ تعلِيمات کان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. مقررين وڌيڪ چيو تہ شيعانِ حيدرِ ڪرار اتحاد بين المسلمين ۽ امن جي پيغام تي يقين رکن ٿا ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا

بقايا عوامي سوچ 12

جي خاص هدايتن جي روشني ۾، گورنمينٽ پي سي بوائز اسڪول بئراج ڪالوني سکر ۾ هڪ ڏينهن جي فائر سيفٽي ايس او پيز ۽ عملي تربيتي سيشن ڪاميابي سان منعقد ڪيو ويو. هي اهم تربيتي پروگرام آفيسر انچارج سول ڊفينس سکر ميان جهانگير عباسي، ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان، پوسٽ وارڊن شيخ عدنان ۽ آفيسر انچارج ميڊيا رياض صديقي جي سرپرستي ۾ منعقد ڪيو ويو. هي تربيتي پروگرام گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن سکر جي پرنسپل عبد الغني سومرو جي هدايت هيٺ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي. ورڪشاپ دوران، ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان فائر سيفٽي ايس او پيز، فوري طور تي باهہ تي ضابطو آڻڻ جا عملي طريقا پيش ڪيا ۽ اوچتو آفت جي صورت ۾ جان ۽ مال جي حفاظت تي تفصيلي ليڪچر ڏنو. بعد ۾، هن سول ڊفينس ٽيم سان گڏ، شاگردن ۽ استادن کي فائر فائٽنگ سامان جي استعمال ۽ هنگامي انخلا بابت عملي تربيت پڻ ڏني. آخر ۾، اسڪول انتظاميہ جي هيڊماسٽر غلام اڪبر ابڙو سول ڊفينس سکر جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو تہ تعليمي ادارن ۾ اهڙي عملي تربيت وقت جي ضرورت آهي. جيڪا ٻارن ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اعتماد پيدا ڪري ٿي.

بقايا عوامي سوچ 13

ريس ڪانفرنس ڪندي سليم سمون الزام هنيو آهي تہ آءِ ڳوٺ خميسو خان سمون جو رهندڙ آهيان ڪجهہ وقت اڳ ۾ هلندڙ جهيڙي بابت حاجي گل محمد سمون جي سربراهي ۾ ٿيل فيصلي تحت ڏوهہ ۽ ڏنڊ ادا ڪري هو پنهنجي خاندان سميت ڳوٺ مان لڏي جنگشاهي هليا ويا آهيون. هن ٻڌايو تہ سنڌس پٽ اصغر ۽ ڀائٽيو رحمت الله، سنڌس گهرواري کي علاج لاءِ مڪلي اسپتال ۾ ڊاڪٽروٽ وٺي آيا هئا. جتي ڪيس ٻئي ڏينهن ڀيهر ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو هو ان ڪري هو ڳوٺ ۾ پنهنجي گهر ۾ ترسڻ ويا هئا تہ مبينا طور مخالف ڌر سان تعلق رکندڙ رضا محمد، محراب، رنواز، شاهنواز سڀ ذات جا سمان ۽ ٻين ماڻهن مٿن حملو ڪيو. سليم سمون دعويٰ ڪئي تہ حملي دوران سنڌس پٽ اصغر کي مبينا طور زبردستي ڪٽي وڃي گم ڪيو ويو، جيڪو 2 ڏينهن گذرڻ باوجود واپس نہ پهتو آهي. هن چيو تہ واقعي بابت ٺٽي ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي آهي. پر سنڌس چوڻ موجب پوليس طرفان اڃا تائين سنڌس پٽ جي بازيابي لاءِ ڀرپور ڪارروائي عمل ۾ نہ آندي وئي آهي. سليم سمون اعليٰ پوليس اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جو شفاف ۽ غيرجانبدارانہ نوٽيس وٺي سنڌس مبينا طور گم ٿيل پٽ اصغر کي جلد بازياب ڪرايو وڃي. واقعي ۾ ملوث ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

شرڪت رپورٽ موجب جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ ڪنب شهر جي شيعہ مذهبي تنظيمن پاران عقيدت ۽ احترام سان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سوين عاشقان رسول شرڪت ڪئي. ريلي جي اڳواڻي مولانا مقصود ڊومڪي، مولانا محمد نقي حيدري، نثار احمد چانديو، مولانا سرفراز مهدي، سيد ڪاظم علي شاهہ لڪياري سيد زين العابدين شاهہ زوار آفاق علي تمراڻي ۽ ٻين علماء ڪرام ۽ مذهبي اڳواڻن ڪئي. ريلي مدرسہ امام علي عليہ السلام کان شروع ٿي جڏهن تہ ريلي جو شهر ۾ دڪاندارن ۽ شهرين پاران شاندار آجيان ڪندي مٿان گلن جي ورڪا ڪئي وئي شرڪاء هٿن ۾ بينر ۽ نعرا ڪٽي "لبيڪ يا رسول الله مرحبا يا مصطفيٰ'صہ ۽ "ميلاد النبي صہ" جا فلڪ شگاف نعرا هڻندا رهيا. ريلي شهر جي مک چونڪ تي پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ حضرت محمد مصطفيٰ صہ پوري ڪائنات لاءِ رحمت العالَمين بڻجي آيا. سندن سيرت تي عمل ڪرڻ ئي اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ايمان جو حصو آهي. هنن چيو تہ اتحاد، پائيچاري ۽ امن جو پيغام ئي نبوي تعليمات جو مرڪزي نقطو آهي. ريلي جي اختتام تي امام زمانہ عجل الله تعاليٰ فرجہ الشريف جي جلد ظهور ۽ ملڪ جي سلامتي، امن ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. جڏهن تہ انتظاميا طرفان ريلي جي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. پوليس ۽ رضاڪارن ريلي جي رستي تي پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا.

بقايا عوامي سوچ 15

سميت ضلعي جي سينئر صحافين يونين آف جنرلسٽ جي جنرل سيڪريٽري بلاول سمون جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي آفيس پهتا پر نئي ايس ايس پي جي پهرين ڏينهن چارج وٺڻ کانپوءِ حيدرآباد ويل هو ملاقات نہ ٿي سگهي ان موقعي تي صحافي سٽ طرفان اهو اعلان ڪيو ويو تہ اڄ جيڪو احتجاج رکيل هو ايس ايس پي آفيس جي سامهون اهو معطل ڪجي ٿو اربع جي ڏينهن يونين آف جنرلسٽ جي ميٽنگ رکي ويئي آهي ان ۾ وڌيڪ لائي عمل جوڙيو ويندو ان موقعي تي دوست ذولفقار خاصخيلي، مختيار لاشاري آصف جوکيو، حفيظ جوکيو، پيرل پياسي امين فاروقي، سيد عمران علي ۽ ٻيا موجود هئا صحافين اهو چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن سي آءِ اي اهلڪارن تي ايف آءِ آر داخل نٿي ٿيئي تہ صحافي برادري سخت احتجاج ڪندي ۽ قانوني چاراجوئي بہ ڪئي ويندي پر پنهنجي صحافي مرتضي پنهور سان ٿيل ناروا سلوڪ خلاف هر محاذ تي آواز اٿاريو

بقايا عوامي سوچ 16

جي ٽيم عبدالله صابرو امانت صابرو ۽ سائين عمر جوکيو پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو. ٺٽي ضلعي جي ساحلي پٽي، ڪوهستان جي جابلو علائقن، جنگشاهي سميت مختلف علائقن جي نوجوانن کي سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ۽ ترقياتي منصوبن ۾ روزگار جا موقعا فراهم نہ ڪرڻ خلاف بيروزگار نوجوان اتحاد جي اڳواڻ ملڪ نواز جوکيو پاران ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو ٻيهر احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي. احتجاجي ڪيمپ تي قومي لائرز فورم جي اڳواڻ ۽ سياسي ورڪر ايڊووڪيٽ منور علي پٽو نگر اخبار جي سرواڻ وڪيل گل محمد خشڪ جي ٽيم عبدالله صابرو امانت علي صابرو ۽ سائين عمر جوکيو پهچي ملڪ نواز جوکيو ۽ بيروزگار نوجوانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ايڊووڪيٽ منور علي پٽو ڪيس پنهنجي طرفان ۽ قومي عوامي تحريڪ پاران ڀرپور سهڪار ۽ ساٿ جو يقين ڏياريندي مطالبو ڪيو تہ ٺٽي ضلعي جي مقامي نوجوانن کي روزگار جا جائز حق ڏنا وڃن. ملڪ نواز جوکيو جو چوڻ هو تہ ٺٽي ضلعي ۾ مختلف سرڪاري، غير سرڪاري ادارن ۽ ترقياتي منصوبن ۾ روزگار جا موقعا موجود هجڻ باوجود مقامي نوجوانن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. جنهن سبب نوجوانن ۾ بيروزگاري ۽ معاشي پريشاني وڌي رهي آهي. هن مطالبو ڪيو تہ جنگشاهي، ڪوهستان، ساحلي پٽي ۽ ٺٽي ضلعي جي سمورن مقامي نوجوانن کي روزگار ۾ اوليت ۽ سندن جائز حصو ڏنو وڃي ۽ مقامي نوجوانن کي نظرانداز ڪرڻ وارو سلسلو فوري طور ختم ڪيو وڃي. ان کان اڳ بيروزگار نوجوان اتحاد جي اڳواڻن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سان ملاقات ڪري پنهنجا مسئلا ۽ مطالبا پڻ پيش ڪيا. جڏهن تہ اڳواڻن موجب مطالبن جي حل بابت هن وقت تائين ڪا واضح خاطري نہ ڪرائي وئي آهي. احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو تہ مطالبا تسليم نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 17

آفيس سڪرجي ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس دوران آگسٽ مهيني ۾ پوليو بوسٽر ڊوز بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. جڏهن تہ 21 کان 27 سيپٽمبر 2026ع تائين جاري رهندڙ انسداد پوليو مهم جي تيارين ۽ انتظامن جو پڻ جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ مهم دوران سمورن لاڳاپيل کاتن جي ڪردار ۽ ذميوارين سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان اسسٽنٽ ڪمشنرن روهڙي ۽ پنو عاقل کي هدايت ڪئي تہ تعلقن جي فوڪل پرسنز ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجي پوليو مهم بابت سمورن اهم معاملن جو ٻيهر جائزو وٺي، مهم دوران بهتر ڪارڪردگي کي يقيني بڻايو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ انسداد پوليو مهم هڪ قومي مقصد آهي. جنهن ۾ سمورن آفيسرن کي پنهنجون ذميواريون ذميواري ۽ فرض شناسي سان ادا ڪرڻ گهرجن. هن هدايت ڪئي تہ مهم جي ڪارڪردگي بابت روزاني بنياد تي رپورٽون پڻ پيش ڪيون وڃن. هن وڌيڪ چيو تہ مهم دوران جيڪڏهن ڪو بہ شخص غلط بياني يا گمراهہ ڪندڙ معلومات فراهم ڪري ٿو تہ ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. پوليو بوسٽر ڊوز بابت هدايتون ڏيندي هن چيو تہ ٻارن جي صحت ۽ کين مختلف بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ سمورن اهم انڊيڪيٽرز تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. اجلاس ۾ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر سيد علي گل شاهہ، اسسٽنٽ ڪمشنرن، پوليس، سرسو، ريسڪيو 1122، تعليم، ميونسپل، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 18

تي روحاني محفل منعقد. تفصيل موجب: ٻنهي جهانن جي سردار، رحمت للعالمين حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي آمدِ باسعادت جي خوشيءَ ۾ روهڙي شهر ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ ۽ محفلِ ميلاد جو سلسلو عقيدت ۽ احترامَ سان جاري آهي. ان سلسلي ۾ آچر ۽ سومر جي وچ واري رات روهڙي جي معروف حمد، نعت ۽ منقبت خوان حاجي زوار علي اشرف قاضي پاران سندس رهائشگاهہ تي هڪ عظيم الشان محفل ميلاد منعقد ڪئي وئي. محفل ۾ علماءِ ڪرام، نعت خوانن، عقيدتمندن، شهرين ۽ مختلف علائقن کان آيل عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئيَ. محفل جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. جنهن کانپوءِ مختلف نعت خوانن حضور اڪرم صہ جي بارگاهہ اقدس ۾ حمد، نعتون ۽ منقبتون پيش ڪري محفل کي روحاني ۽ وجداني ڪيفيت سان سرشار ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي علامہ قاري عبدالماجد سعيدي خصوصي خطاب ڪندي چيو تہ حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي ذاتِ اقدس الله پاڪ جي عظيم نعمت ۽

سموري انسانيت لاءِ رحمت آهي. نبي ڪريم صہ جي سيرتِ طيبہ اسان لاءِ زندگي جي هر شعبي ۾ بهترين نمونو آهي. تنهنڪري اسان کي محبتِ رسول صہ سان گڏ پاڻ سڳورن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ نبي سائين صہ جي ثناءَ ۽ نعت پڙهڻ صرف محبت جو اظهار نہ، پر ايمان کي تازگي بخشڻ جو ذريعو پڻ آهي. حضور اڪرم صہ جي اخلاقِ حسنہ، رحم، شفقت، عدل، صبر ۽ انسانيت سان محبت کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ ئي حقيقي طور تي عشقِ رسول صہ جو تقاضو آهي. قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ پاڻ پنهنجي محبوب صہ جي شان بلند فرمائي آهي. جڏهن تہ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ۽ اولياءِ ڪرام پڻ حضور صہ جي محبت ۽ ثناءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو سرمايو بڻايو. علامہ قاري عبدالماجد سعيدي وڌيڪ چيو تہ اسان کي گهرجي تہ جشنِ ميلادالنبي صہ جي انهن بابرڪت موقعن کي صرف خوشيءَ تائين محدود نہ رکون. پر پنهنجي ڪردار ۽ عمل کي بہ سيرتِ مصطفيٰ صہ مطابق بڻايون. والدين سان حسنِ سلوڪ، پاڙيسرين جا حق ادا ڪرڻ، غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ، ڪوڙ، ظلم ۽ نفرت کان پاسو ڪرڻ ۽ معاشري ۾ امن، محبت ۽ پائيچارو قائم ڪرڻ ئي نبي ڪريم صہ جي پيغام جو اصل روح آهي. محفل دوران اظهر درگاهي، وقاص سولنگي، شهزاده توقير، نثار لتا، حافظ نثار، سعيد ميراڻي سميت سکر ۽ روهڙي جي ٻين نالي وارن نعت خوانن بارگاهہ رسالت صہ ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيا. سندن خوبصورت آواز ۾ حمد، نعت ۽ منقبت ٻڌي شرڪت ڪندڙن تي روحاني ڪيفيت طاري ٿي وئي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، امن، خوشحالي، خير ۽ عافيت، مسلم امت جي اتحاد ۽ اتفاق ۽ سموري انسانيت لاءِ خير جون خصوصي دعائون گهريون ويون. محفل جي پڄاڻي تي حاجي زوار علي اشرف قاضي پاران شرڪت ڪندڙن لاءِ لنگر ۽ سبيل جو پڻ شاندار انتظام ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 19

رميمڻ، نعيم احمد ميمڻ ۽ فهيم احمد ميمڻ جي رهائشگاهہ عابد ٽائون بدين ۾ ميلادِ مصطفيٰ صہ جي عظيم الشان محفلِ نعت منعقد ٿي. جنهن ۾ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. انَ موقعي تي عبدالستار ميمڻ ۽ نعيم احمد ميمڻ چيو تہ شڪر الحمدلله. اڄ اسان جي رهائشگاهہ تي ميلاد شريف جي هڪ عظيم الشان محفلِ نعت عقيدت ۽ احترام سان منعقدَ ڪئي وئي. جنهن ۾ قبلہ سائين مخدوم صاحب، فقير شهزاد قادري صاحب، عبدالقادر عرف سائين رمو ميمڻ، عبدالستار ميمڻ، ڊاڪٽر محمد رفيق ميمڻ، ماما اقبال ابلاڻي، اشرف عبدالله ميمڻ، ماما حاجي سليمان ميمڻ، حاجي محمد صالح ميمڻ، محمد حسن اپي ميمڻ، خالد عباسي ۽ ٻين معزز شخصيتن سميت سوين عاشقانِ رسول صہ شرڪت ڪئي. محفلَ دوران خوبصورت نعت خواني، ذڪر ۽ درودِ پاڪ ۽ روحاني بيانن جو سلسلو جاري رهيو. جنهن سان محفل جو ماحول انتهائي روح پرور بڻجي ويو. شرڪت ڪندڙن حضور نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي شان اقدس ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. آخر ۾ آيل مهمانن ۽ عاشقانِ رسول صہ لاءِ لنگرِ شريف جو پڻ بهترين انتظام ڪيو ويو. جنهن ۾ سمورن شرڪت ڪندڙن عقيدت ۽ محبت سان حصو ورتو

بقايا عوامي سوچ 20

جذبي سان ملهايو ويو. جنهن جي مناسبت سان شهر ۾ هڪ پروقار ۽ شاندار ريلي ڪڍي وئي. ريلي جو مرڪزي آغاز امام بارگاهہ علي اڪبر شاهہ شيرازي گهارو کان ٿيو. جتان عاشقانِ رسول جو جلوس مختلف رستن کان منزلَ طرف روانو ٿيو ۽ شهرجي مکيہ شاهراهن کان ٿيندي مين بس اسٽاپ تي پهچي پڄاڻي تي پهتو هن پروقار ريلي جي اڳواڻي خطي جي نامور سماجي ۽ مذهبي شخصيتن سيد منو شاهہ شيرازي، سيد حسنين شاهہ، بابو لاشاري، فرمان علي ميمڻ، سيد عاشق شاهہ، لطف علي چانديو، اڪبر ميراڻي، فقير ميرمحمد پليجو، اسلم عمراڻي، سيد امام ڏنو شاهہ ۽ اڪمل شاهہ گڏيل طور تي ڪئي. جڏهن تہ شهرين جو هڪ وڏو تعداد پڻ ريلي ۾ جوش ۽ خروش سان شرڪ رهيو ريلي جي دوران فضا "لبيڪ يا رسول الله" ۽ "نعرا حيدري، يا علي" جي فلڪ شگاف نعرن سان گونجي رهي. جنهن سبب سڄي شهر ۾ هڪ روح پرور ۽ عظيم الشان ماحول پيدا ٿي ويو جلوس جي گذرڻ دوران گهارو جي مختلف هنڌن ۽ چوڪن تي مقامي شهرين پاران محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن ۽ اڳواڻن مٿان گلن جي شاندار ورڪا ڪئي وئي ريلي جي پڄاڻي تي رب العالمين جي آخري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ جي آمد جي مسرت ۽ خوشي ۾ شريڪ ماڻهن ۽ شهرين ۾ سنڌ جي روايتي محبت ۽ سڪندرانہ انداز سان مٺائي پڻ تقسيم ڪئي وئي. جنهن سڄي تقريب کي وڌيڪ يادگار بڻائي ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 21

ويا. جڏهن تہ فرش بہ مڪمل طور اکڙي ويو آهي. جنهن سبب معصوم شاگردن جي سلامتي تي سوال اٿي ويا آهن. ڳوٺاڻن موجب اسڪول ۾ 95 چوڪرا ۽ چوڪريون تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. پر انهن لاءِ صرف هڪ استاد مقرر آهي. اسڪول ۾ فرنيچر جي بہ سخت کوٽ آهي. جڏهن تہ سمورا ٻار صرف 16 14 فوٽن جي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن. استاد ۽ ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي تہ شاگردن جو تعداد وڌيڪ هجڻ باوجود اسڪول ۾ نہ گنجائش مطابق ڪمرا آهن. نہ فرنيچر ۽ نہ ئي ٻيون بنيادي سهولتون. جنهن ڪري تدريسي عمل سخت متاثر ٿي رهيو آهي. ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو تہ اسڪول جي عمارت تي چئو ديواري نہ هجڻ سبب اسڪول غير محفوظ آهي. جڏهن تہ اسڪول جو باٿ روم بہ لٽجي ويو آهي. جنهن ڪري شاگردن کي سخت

تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ڪيترائي ٻار مجبور ٿي واپس گهرن جو رخ ڪن ٿا. هنن خدشو ظاهر ڪيو تہ جيڪڏهن اسڪول جي عمارت جي فوري مرمت نہ ڪرائي وئي تہ ڪنهن بہ وقت ڌاڙيل ديوارون ٻارن لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿيون. ڳوٺاڻن ڊپٽي ڪمشنر بدين، تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل عملدارن کان هنگامي بنيادن تي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ اسڪول جي زبون حال عمارت جي فوري مرمت ڪرائي. گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڪمرا تعمير ڪري ڏنا وڃن. فرنيچر فراهم ڪيو وڃي. چئو ديواري ۽ باٿ روم بحال ڪرايا وڃن ۽ وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن تہ جيئن ڳوٺ جا معصوم ٻار محفوظ ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن. سوال اهو آهي تہ 95 ٻارن لاءِ هڪ استاد ۽ هڪ ننڍڙي ڪمري کي تعليم جون سهولتون چئجي يا انتظامي بي ڌياني؟ ڳوٺاڻن اپيل ڪئي آهي تہ ضلعي انتظاميا صرف نوٽيس وٺڻ تائين محدود نہ رهي، پر عملي قدم کڻي ۽ مکڻ ڪوريجو اسڪول جي مسئلن کي هنگامي بنيادن تي حل ڪري.

بقايا عوامي سوچ 22

ي اڳواڻي ۾ پبلڪ لائيبريري کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب تلهار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي هنن چيو تہ گورنمينٽ سنڌ جي پاليسي تحت انٽرويو ڏنا آهن پاس بہ ٿيا آهيون پر ڪجهہ عرصي کان 5کان 15گريڊ جا آفر آرڊر ناهن مليا جڏهن جنهن جي ڪري مايوسي ڇانيل آهي پيپلز پارٽي جو منشور روٽي ڪپڙا مڪان جو نعرو آهي اسان بہ مطالبو ٿا ڪريون روٽي ڪپڙا مڪان سان گڏ روزگار ڏنو وڃي جو نوجوان پاڪستان سنڌ جو مستقبل آهن نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي اسان پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪوچيئرمين صدر آصف علي زرداري پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ادي فريال ٽالپر صاحبا زير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهہ سنڌ حڪومت سميت پيپلز پارٽي جي اعلي قيادت کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ جي نوجوانن جي ميرٽ جي قدر ڪري کين نوڪريون ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 23

لاڙڪن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو اچوڪي ڏينهن دوران 12 کان وڌيڪ ماڻهو چيتي ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ڪي تعلقا اسپتال روهڙي پهتا، جتي کين ڪتي جي چڪ ويڪسين ۽ طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد گهر روانو ڪيو ويو جڏهن تہ زخمين ۾ 11 ورهين جي فلڪ، 36 ورهين جو خالد، 45 ورهين جو رياض، 5 ورهين جو محيدالدين، 16 ورهين جو طيب، 50 ورهين جي مائي حليمان، 65 ورهين جي مائي مريم، 8 ورهين جي فضا، 12 ورهين جو عبدالجبار، 7 ورهين جو مبشر، 13 ورهين جو فراز گل ۽ 35 ورهين جي ڪونج سميت ٻيا شامل آهن پرپاسي وارن رهواسين جو چوڻ آهي تہ رولو ڪتن جي وڌندڙ انگ سبب ٻارڙن، عورتن ۽ پيرسنن جو گهرن کان ٻاهر نڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. شهرين ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ رولو ۽ چيتي ڪتن خلاف فوري طور تي اثرائتي مهم هلائي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 24

ڪرايو ڏيڻ تي سيدن برداري تقريب ڪري مبارڪون ڏنيون انٽرنيشنل سادات آرگنائيزيشن سنڌ جي صدر سيد سخي غلام شاهہ بخاري صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سادات جا مسئلا حل ڪرڻ جي اولين ترجيح آهي. سيدن جي خدمت سان دلي سڪون ملي ٿو: ساداتن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ . هن يقين ڏياريو تہ سيدن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ جا دروازا هر وقت کليل آهن ۽ سان رابطي جو اهو سلسلو مستقبل ۾ بہ جاري رکيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 25

گيٽ آڏو احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيون تہ اسان کي رٽائر ٿيندي 4/5 سال گذري ويا آهن اسان کي ميونسپل ڪاميٽي رٽائر سميت پينشن بہ ڏني وڃي هنن چيو تہ اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. اسان پنهنجن حقن لاءِ احتجاج ڪيون ٿا تہ اسان کي ميونسپل جا آفيسر ڌمڪيون ڏين ٿا هنن چيو تہ سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ بہ ميونسپل جي آفيسرن کي ليٽر بہ جاري ڪيو آهي تہ رٽائرڊ ملازمن جون پگهارون جاري ڪيو. ٻئي پاسي ميونسپل ايمپلائيز يونين دادو صدر مرتضيٰ علي پنڊ، واجد علي چانديو، گلزار سولنگي، رستم قمبراڻي، ياسين سيال، عاشق جويو، يونس سولنگي، غلام علي ميٺو، ذوالفقار علي ڏاوچ، امير سيال ۽ ٻين ملازمن ميونسپل آفيس کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ميونسپل آفيسر جي ناجائزين خلاف سخت نعريبازي ڪندا دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيو تہ ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جي سال 2024 جون پراڻيون پگهارون جاري ڪيون وڃن هنن چيو تہ ڊائريڪٽر لوڪل فنڊ آڊٽ جي ليٽر (نمبر 78) ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل فنڊ ڊسٽرڪٽ دادو جي ليٽر (نمبر 196) تحت ميونسپل ڪاميٽي دادو کي پابند ڪيو آهي تہ ميونسپل جي سمورن ملازمن جون نيون پگهارون واڌاري سميت جاري ڪيون وڃن. متاثر ملازمن حڪومت سنڌ سيڪريٽري بلديات ۽ ضلع انتظاميا دادو کان مطالبو

ڪيو تہ ميونسپل ڪاميٽي جي سمورن ملازمن کي نيون پگهارون جاري ڪيون وڃن. ٻئي صورت ۾ ميونسپل ايمپلائيز يونين دادو احتجاج ۽ قانوني چارا جوئي جو حق رکي ٿي جنهن جي سموري ذميواري ميونسپل آفيسرن تي هوندي.

بقايا عوامي سوچ 26

بعد پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي. جڏهن تہ نامزد مبينا جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا. متاثر نينگر جي والده زينب ڪوري صحافين آڏو دانهيندي الزام هنيو تہ وقار لوهار وارن سان سندن خانداني تعلقات هئا. جنهن سبب سندس 6 ورهين جي پٽ کي گهر وٺي ويا هئا. جتي مبينا طور وقار لوهار سندس معصوم پٽ سان زيادتي ڪئي. والده موجب واقعي ڪانپوءِ ٻار جي حالت خراب ٿي وئي ۽ ڪيس فوري طور اسپتال آندو ويو. اسپتال ۾ ڊاڪٽرن پاران نينگر جو ابتدائي طبي معائنو ڪيو ويو. جنهن بابت ٻڌايو ويو تہ طبي معائني دوران مبينا زيادتي جا نشان سامهون آيا آهن. وڌيڪ تصديق لاءِ نينگر جا ضروري سيمپل حاصل ڪري روهڙي جي ليبارٽري ڏانهن موڪليا ويا آهن. جڏهن تہ ڊاڪٽرن موجب حتمي طبي رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ ئي واقعي جي تصديق ٿي سگهندي. نينگر کي اسپتال ۾ ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ حالت خراب هجڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو منتقل ڪيو ويو. جتي سندس علاج جاري آهي. واقعي جي اطلاع ملندي ئي اوباوڙو پوليس ڪارروائي شروع ڪندي مبينا جوابدار جي گهر تي ڇاپا هنيا. پر پوليس موجب جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا. پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا جاري آهن ۽ ڪيس گرفتار ڪري قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالقادر سومرو پڻ اسپتال پهچي متاثر نينگر جي والده سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس يقين ڏياريو تہ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي ڪنهن بہ صورت ۾ بخش نہ ڪيو ويندو ۽ جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. ڊي ايس پي پاران اوباوڙو ٿاڻي جي پوليس کي واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ قانوني ڪارروائي يقيني بڻائڻ جا حڪم پڻ ڏنا ويا آهن. هوڏانهن واقعي جي خبر پکڙجڻ بعد شهرين ۾ سخت ڳڻتي ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي. شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ معصوم ٻار سان مبينا زيادتي جي واقعي جي شفاف جاچ ڪري اصل حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿئي تہ ذميوارن خلاف قانون موجب سخت کان سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

ريلي" ڪڍي وئي جنهن جو مقصد عوام ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا کي يقيني بڻائڻ آهي ريلي دوران استادن ۽ تعليمي انتظاميا والدين تي زور ڏنو تہ هو سرڪاري اسڪولن ۽ باصلاحيت استادن تي اعتماد ڪندي پنهنجي ٻارن کي وڌ کان وڌ سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائين ان موقعي تي تعليمي ريلي جي اڳواڻي ڪندي روهڙي تعليم کاتي جي ٽي اي او سيڪنڊري ميل افضل بيگ مغل جو چوڻ هو تہ سرڪاري اسڪولن ۾ مفت داخلا، مفت ڪتاب ۽ مفت تعليم فراهم ڪئي پئي وڃي. جڏهن تہ نئين جذبي، نوجوان استادن ۽ نئين عمارتن جي بدولت تعليمي معيار ۾ نمايان بهتري آندي پئي وڃي هن تعليمي مهم دوران ٽي اي او ميل افضل بيگ مغل سان گڏ ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري ميل جي استادن سان گڏ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ تعليم جي فروغ لاءِ پنهنجي پوري عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا عوامي سوچ 28

ت جا گل نڇاور ڪيا ويا. تقريب جي خاص مهمان ۽ خطيبِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا حافظ علي حسن حسيني جنگشاهي وارا تفصيلي خطاب ڪندي حضور اڪرم صہ جي سيرتِ طيبہ، مبارڪ اخلاق ۽ انسانيت لاءِ رحمت واري پيغام تي روشني وڌي هن نبي پاڪ صہ جي سنت مبارڪ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي سنت مبارڪ تي عمل ڪرڻ ۽ اسان دنيا ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي محفل جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي، ترقي، امن ۽ عالمِ اسلام جي اتحاد لاءِ دعائون گهريون ويون. جنهن بعد حاضرين ۾ تبرڪ طور لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 29

ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ اسان انتهائي غريب مسڪين آهيون. جڏهن تہ مونکي چئن پٽن ۽ چئن نياڻين جي اولاد آهي. منهنجو مڙس محنت مزدوري ڪري اسان جو پيٽ گذر ڪندو آهي. هن الزام لڳايو تہ ٻہ ڏينهن اڳ ڀاڙي واسي بااثر خالد جتوئي بيگناهہ منهنج جهيڙو ڪري ڪيس سخت تشدد جو بشانو بڻايو. پٽ جي رڙين تي مان ٻاهر نڪتس تہ ڄاڻايل بااثر منهنجي مٿان پڻ تشدد ڪيو. اهڙي شڪايت مان حد جي حيدري ٿاڻي تي ڪئي، پر پوليس بااثر خلاف ڪابہ ڪاروائي نہ ڪئي. ويتر بااثر پاران اسان کي ڳرا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

شيعہ علماءَ ڪائونسل پاڪستان نوابشاهہ پاران جشنِ صادقين ريليءَ جو انعقاد

ريلي مرڪزي مرتضوي امام بارگاهہ مان برآمد ٿي، جيڪا گول چڪرا بازار جي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب نواب شاهہ پهچي پڄاڻيءَ تي پهتي

ريليءَ ۾ مومنين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ حضور اڪرم صہ ۽ حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي ولادت باسعادت جي خوشيءَ جو اظهار ڪيو

حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي ولادت باسعادت ۽ سندن فرزندِ معنوي حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي ولادت جي خوشين جو مهينو آهي

نوابشاهہ (رپورٽ ڪاشف علي رند) شيعہ علماءِ ڪائونسل پاڪستان نوابشاهہ پاران جشنِ عيد ميلاد النبي حضرت محمد مصطفيٰ صہ ۽ جشنِ ولادت باسعادت حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي سلسلي ۾ جشنِ صادقين ريليءَ جو انعقاد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

جشن صادقين ريلي
عظيم الشان

دڙو رتا لڳ ڳوٺ قاسم سومرو ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ هڪ شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو

حافظ اسماعيل، حافظ هدايت الله، سومرا برادري ۽ اتحاد اهلِ سنت پاران هڪ شاندار ۽ روح پرور جلسو منعقد ڪيو ويو

جلسي ۾ مختلف علائقن مان آيل علماءِ ڪرام، حفاظِ عظام، نعت خوانن ۽ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي سيرتِ طيبہ، اخلاقِ مبارڪ ۽ انسانيت لاءِ ڏنل تعليمات تي روشني وڌي

دڙو (رپورٽر) دڙو رتا لڳ ڳوٺ قاسم سومرو ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ هڪ شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو. تفصيل موجب: دڙو ويجهو ڳوٺ قاسم سومرو ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي مناسبت سان حافظ اسماعيل، حافظ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سونڊا ۾ مبينا ڀتي وصولي خلاف احتجاج

يوسي سونڊا سميت سامونڊي پٽي سان لاڳاپيل ڪيترائي ماهيگير روزگار کان محروم ٿي ويا

جنهن ڪري غريب ماهيگير، هاري ۽ پورهيت خاندانن جو گذر سفر انتهائي ڏکيو بڻجي ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) تيز هوائن سبب ماهيگير بيروزگار، ڪائيون وڪٽي گذر سفر: سونڊا ۾ مبينا ڀتي وصولي خلاف احتجاج تيز هوائن ۽ خراب م/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

موسمياتي تبديلي کان متاثر سامونڊي ڳوٺ جي 300 خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو

ضلعي ٺٽي جي سامونڊي علائقن ۾ موسمياتي تبديلي جي خطرناڪ اثرن سبب هزارين ماڻهو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

سامونڊي طوفان، تيز هوائن، تيز برساتن ۽ ٻوڏ سبب سامونڊي پٽي ۾ رهندڙ ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا

روزگار جا ذريعا متاثر ٿيڻ ڪري غريب خاندان سخت معاشي پريشانين ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) موسمياتي تبديلي کان متاثر سامونڊي ڳوٺ جي 300 خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو ضلعي ٺٽي جي سامونڊي علائقن ۾ موسمياتي تبديلي جي خطرناڪ اثرن سبب هزارين ماڻهو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سنڌو درياهہ ۾ ري جنريشن آپريشن تحت سکر جي ڪچي ۾ شجرڪاري مهم شروع

هر سال جيان هن سال بہ شجرڪاري مهم جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي، جنهن جو مقصد ڪچي جي ٻيلن جي بحالي ۽ قدرتي ماحول جو تحفظ ڪرڻ آهي

زباد الله لغاري پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪچي جي علائقن ۾ پهچي مختلف هنڌن تي شجرڪاري جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو

ان موقعي تي رينج فاريسٽ آفيسر احسن برڙو، رينج فاريسٽ آفيسر سعيد احمد ڪوسو، محسن علي ملڪ سميت محڪمہ ٻيلن جا ٻيا آفيسر ۽ اهلڪار پڻ موجود هئا

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب محڪمہ ٻيلن سکر ڊويزن پاران ري جنريشن آپريشن تحت سکر جي ڪچي جي وسيع علائقن ۾ هزارين ايڪڙ زمين تي شجرڪاري مهم شروع ڪئي وئي آهي. هر سال / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي شيعہ تنظيمن جي شاندار ريلي، سوين عاشقان رسول جي شرڪت

فقيرآباد (رپورٽر عبدالرزاق شر) عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي شيعہ تنظيمن جي شاندار ريلي، سوين عاشقان رسول جي شرڪت رپورٽ موجب جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ ڪنب شهر جي شيعہ مذهبي تنظيمن پاران عقيدت ۽ احترام سان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سوين عاشقان رسول شرڪت ڪئي. ريلي جي اڳواڻي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

سنڌو درياهہ ۾ ري جنريشن آپريشن تحت سکر جي ڪچي ۾ شجرڪاري مهم شروع

استادان کي چئبو آهي جيڪو قوم کي شعور ڏياري: تاج محمد جسڪاڻيءَ

پڳهار ۽ پنهنجي ترقيءَ لاءِ نوڪري ڪندڙ شخص ماستر هوندو محترم تاج محمد جسڪاڻيءَ جون تعليمي خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن

تاج محمد جسڪاڻي تعليم جي حوالي سان هڪ شاندار ڪردار آهي تعليم جي ميدان ۾ سندس ڪوششون ڪاوشون اڻ وسرندڙ آهن: گلشير

ان موقعي تي گل شير ٽڳڙ جلال ٽڳڙ سهراب خان ٻاٽي علي شير ٽڳڙ ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ تاج محمد جسڪاڻيءَ جي علمي خدمتن تي روشني وڌي

اوڏيرولال (رپورٽ، ثاقب نور ساهووال) استاد ان کي چئبو آهي جيڪو قوم کي شعور ڏياري پڳهار ۽ پنهنجي ترقيءَ لاءِ نوڪري ڪندڙ شخص ماستر هوندو محترم تاج محمد جسڪاڻيءَ جون تعليمي خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

دڙو جي سرڪاري اسپتال ۾ سهولتن جو فقدان، ڊاڪٽرن جي کوٽ، مريض علاج ڪانسواءِ واپس وڃڻ تي مجبور

دڙو جي سرڪاري رورل هيلٿ سينٽر ۾ بنيادي طبي سهولتن جي کوٽ ۽ ڊاڪٽرن جي وڏي فقدان سبب مريض سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا

شهر ۽ آس پاس جي علائقن مان علاج لاءِ ايندڙ ڪيترائي مريض مناسب طبي سهولت ۽ دوائون نہ ملڻ سبب علاج ڪرائڻ ڪانسواءِ ئي گهرن ڏانهن واپس وڃڻ تي مجبور

مريضن ۽ شهرين لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي اسپتال ۾ ڊاڪٽر، دوائون ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

دڙو (رپورٽر) دڙو جي سرڪاري اسپتال ۾ سهولتن جو فقدان، ڊاڪٽرن جي کوٽ، مريض علاج ڪانسواءِ واپس وڃڻ تي مجبور. دڙو جي سرڪاري رورل هيلٿ سينٽر ۾ بنيادي طبي سهولتن جي کوٽ ۽ ڊاڪٽرن جي وڏي فقدان سبب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8



صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي سکر پاران تعلقہ لکي ۾ کلي ڪچهري

کلي ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ لکي ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ان موقعي تي مختلف کاتن سان لاڳاپيل ملازمن ۽ عام شهرين پاران پنهنجون شڪايتون ۽ مسئلا پيش ڪيا ويا

شڪارپور(رپورٽ واجد علي لهر) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي سکر پاران تعلقہ لکي ۾ کلي ڪچهري. تفصيل موجب، صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سکر احمد علي قريشي پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس تعلقہ لکي ۾ عوامي شڪايتون ٻڌڻ ۽ انهن جو ازالو ڪرڻ لاءِ کلي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ذوالفقار ملاح، عبدالڪريم ميراڻي ۽ ٻين پاران ملاح هائوس تي پهتا

جتي سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن ۽ برادري جي معزز شخصيتن پاران سندن شاندار استقبال

ڪين سنڌ جي ثقافتي روايت موجب اجرڪون اوڍائي سندن مانائتو استقبال ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سنڌ ملاح فورم جي چيئرمين، اڳوڻي ڊي آءِ جي سنڌ پوليس ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ذوالفقار ملاح، عبدالڪريم ميراڻي ۽ ٻين پاران مڪلي ورڪشاپ ۾ ڊاڪٽر سڪندر ملاح جي رهائش گاهہ ملاح هائوس تي پهتا، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

گهارو شهر ۾ شيعان حيدر قرار گهارو طرفان جشن عيد ميلاد النبي صہ جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

جنهن جي مناسبت سان شهر ۾ هڪ پروقار ۽ شاندار ريلي ڪڍي وئي

ريلي جو مرڪزي آغاز امام بارگاهہ علي اڪبر شاهہ شيرازي گهارو کان ٿيو

گهارو (رپورٽر) گهارو شهر ۾ شيعان حيدر قرار گهارو طرفان پوري عقيدت ۽ احترام سان جشن عيد ميلاد النبي صہ جو باب برڪت ڌهاڙو نهايت جوش ۽/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ميلاد شريف جي عظيم الشان محفل، عاشقانِ رسول صہ جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ميلادِ مصطفيٰ صہ جي عظيم الشان محفلِ نعت منعقد ٿي، جنهن ۾ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت

لنگرِ شريف جو پڻ بهترين انتظام ڪيو ويو، جنهن ۾ سمورن شرڪت ڪندڙن عقيدت ۽ محبت سان حصو ورتو

بدين (رجب راهمون) ميلاد شريف جي عظيم الشان محفل، عاشقانِ رسول صہ جي وڏي انگ ۾ شرڪت ميمڻ برادري جي معزز شخصيتن عبدالستا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

روهڙي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ ۽ محفلِ ميلاد جو سلسلو جاري

حاجي زوار علي اشرف قاضي جي رهائشگاهہ تي روحاني محفل منعقد

حاجي زوار علي اشرف قاضي پاران سندس رهائشگاهہ تي هڪ عظيم الشان محفلِ ميلاد منعقد ڪئي

روهڙي (رپورٽ :جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ ۽ محفلِ ميلاد جو سلسلو جاري، حاجي زوار علي اشرف قاضي جي رهائشگاهہ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ اهم اجلاس

21 کان 27 سيپٽمبر 2026 ع تائين جاري رهندڙ انسداد پوليو مهم جي تيارين ۽ انتظامن جو پڻ جائزو ورتو ويو

سکر(بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ انسداد پوليو مهم جي سلسلي ۾ اهم اجلاس ڊي سي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

بيروزگار نوجوان اتحاد جي احتجاجي ڪيمپ ٻيهر قائم

وڪيل گل محمد خشڪ جي ٽيم عبدالله صابرو امانت صابرو ۽ سائين عمر جو ڪيو پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو

احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو تہ مطالبا تسليم نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

گهارو (رپورٽر) بيروزگار نوجوان اتحاد جي احتجاجي ڪيمپ ٻيهر قائم. ايڊووڪيٽ منور پٽو نگر اخبار جي سرواڻ وڪيل گل محمد خشڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

نامنظور
نا انصافي نامنظور
PIC•COLLAGE

سينئر صحافين يونين آف جرنلسٽ جي جنرل سيڪريٽري بلاول سمون جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي آفيس پهتا

نئي ايس ايس پي جي پهرين ڏينهن چارج وٺڻ ڪانپوءِ حيدرآباد ويل هو ملاقات نہ ٿي سگهي

اڄ جيڪو احتجاج رکيل هو ايس ايس پي آفيس جي سامهون اهو معطل ڪجي ٿو

گهارو (رپورٽر) ڏابيجي جي صحافي مرتضي پنهور سان پوليس اهلڪارن پاران ڪيل بدتميزي ۽ تشدد جي معاملي تي ڏابيجي گهارو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب15

جشن عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي شيعہ تنظيمن جي شاندار ريلي، سوين عاشقان رسول جي شرڪت

ڪنب شهر جي شيعہ مذهبي تنظيمن پاران عقيدت ۽ احترام سان ريلي ڪڍي وئي

پوليس ۽ رضاڪارن ريلي جي رستي تي پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا

ڪوٽڏيجي (رپورٽ سيد محسن علي) جشن عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي شيعہ تنظيمن جي شاندار ريلي، سوين عاشقان رسول جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب14

نوجوان جي مبينا اغوا خلاف وارثن جي پريس ڪانفرنس، بازيابي ۽ تحفظ جو مطالبو

ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس

ڪجهہ وقت اڳ ۾ هلندڙ جهيڙي بابت حاجي گل محمد سمون جي سربراهي ۾ ٿيل فيصلي تحت ڏوهہ ۽ ڏنڊ ادا ڪري هو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) نوجوان جي مبينا اغوا خلاف وارثن جي پريس ڪانفرنس، بازيابي ۽ تحفظ جو مطالبو ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ پ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

يوان صحافت ضلعو ٺٽو
AONE NEWS
KTV NEWS
COMPAIN NEWS HD
DHOOM NEWS

گورنمينٽ پي سي بوائز اسڪول بئراج ڪالوني سکر ۾ ٽريننگ ورڪشاپ منعقد

جنهن ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر سعيد اعوان فائر سيفٽي ايس او پيز، فوري طور تي باهہ تي ضابطو آڻڻ جا عملي طريقا پيش ڪيا

سکر(بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

شيعانِ حيدرِ ڪرار چوهڙجمالي جي ميزباني ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ ۽ جشنِ صادقين جي مناسبت سان شاندار ريلي

جيڪا نهرِ فرات کان شروع ٿي ۽ شهر جي مختلف چوڪن ۽ بازارن مان گذرندي پرامن طريقي سان اختتام پذير ٿي

ريلي ۾ وڏي انگ ۾ مومنين، نوجوانن ۽ ٻارڙن شرڪت ڪئي

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) شيعانِ حيدرِ ڪرار چوهڙجمالي جي ميزباني ۾ جشنَ عيد ميلادالنبي صہ ۽ جشنِ صادقين جي مناسبت سان ش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

بدين جي سيراڻي ۾ تعليم سان سنگين مذاق! 95 ٻار، هڪ استاد ۽ 16 14 جو زبون حال ڪمرو۔ انتظاميا خاموش

اسڪول جي عمارت جي ديوارن ۾ خطرناڪ ڏار پوڻ شروع ٿي ويا، جڏهن تہ فرش بہ مڪمل طور اکڙي ويو آهي

اسڪول ۾ 95 ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، پر انهن لاءِ صرف هڪ استاد مقرر آهي

اسڪول جي عمارت تي چئوديواري نہ هجڻ سبب اسڪول غير محفوظ آهي، جڏهن تہ اسڪول جو باٿ روم بہ لٽجي ويو آهي

بدين (رپورٽ رجب راهمون) بدين جي ساحلي پٽي جي شهر سيراڻي پرسان ڳوٺ مڪڻ ڪوريجو جو جي پي ايس اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم ۽ زبون حالي جو شڪار ٿي ويو. اسڪول جي عمارت جي ديوارن ۾ خطرناڪ ڏار پوڻ شروع ٿي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21



ٽلهار 5 گريڊ کان 15 گريڊ جي نوڪرين لاءِ آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ نوجوانن جو احتجاج

گورنمينٽ سنڌ جي پاليسي تحت انٽرويو ڏنا آهن پاس بہ ٿيا آهيون پر ڪجهہ عرصي کان 5 کان 15 گريڊ جا آفر آرڊر ناهن مليا

جنهن جي ڪري مايوسي ڇانيل آهي پيپلز پارٽي جو منشور روٽي ڪپڙا مڪان جو نعرو آهي

روٽي ڪپڙا مڪان سان گڏ روزگار ڏنو وڃي نوجوان پاڪستان سنڌ جو مستقبل آهن

ٽلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) ٽلهار 5 گريڊ کان 15 گريڊ جي نوڪرين لاءِ آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ نوجوانن امجد پناڻ، وزيرخاصخيلي، غلام مصطفي خاصخلحفظ خاصخيلي، رضوان ٽالپر، آغاحسن، ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

PRESS CLUB T
ONE SINDH
ONE POLICY

روهڙي ۽ آس پاس وارن ۾ رولو ڪتن جو آزار، هڪ مهيني دوران 50 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي

اڄوڪي ڏينهن دوران 12 کان وڌيڪ ماڻهو چتي ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ڪي تعلقا اسپتال روهڙي پهتا

جتي ڪين ڪتي جي چڪ ويڪسين ۽ طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد گهر روانو ڪيو ويو

روهڙي(رپورٽر) روهڙي ۽ آس پاس وارن ۾ رولو ڪتن جو آزار، هڪ مهيني دوران 50 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي تفصيل موجب روهڙي ۽ پرپاسي وارن ع/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

غلام شاهہ بخاري جي ضلع نوشهروفيروز سنڌ ۾ سيدن جي چوري جي معاملي م سادات ۽ پوليس انتظاميا سان ملاقات

سيدن کي سامان واپس ڪرايو ڏيڻ تي سيدن برداري تقريب ڪري مبارڪون ڏنيون

سادات جا مسئلا حل ڪرڻ جي اولين ترجيح آهي، سيدن جي خدمت سان دلي سڪون ملي ٿو

سيدن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ جا دروازا هر وقت کليل آهن ۽ سان رابطي جو اهو سلسلو مستقبل ۾ بہ جاري رکيو ويندو

گهوڙاٻاري (سيدشاهہ خالدڏاتاري) انٽر نيشنل سادات آرگنائيزيشن صدر صوبا سنڌه سيد غلام شاهہ بخاري جي ضلع نوشهروفيروز سنڌ ۾ سيدن جي چوري جي معاملي م سادات ۽ پوليس انتظاميا سان ملاقات ڪري سيدن کي سامان واپس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

دادو ميونسپل ڪاميٽي 2025/2026 سميت واڌي پگهارون نہ ڏيڻ خلاف رٽائرڊ ملازمن جو احتجاج

اسان کي رٽائر ٿيندي 4/5 سال گذري ويا آهن اسان کي ميونسپل ڪاميٽي رٽائر سميت پينشن بہ ڏني وڃي

اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن، اسان پنهنجن حقن لاءِ احتجاج ڪيون ٿا تہ اسان کي ميونسپل جا آفيسر ڌمڪيون ڏين ٿا

سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ بہ ميونسپل جي آفيسرن کي ليٽر بہ جاري ڪيو آهي تہ رٽائرڊ ملازمن جون پگهارون جاري ڪيو

دادو (رپورٽر محمد رفيق چنہ) دادو ميونسپل ڪاميٽي 2025/2026 سميت واڌي پگهارون نہ ڏيڻ خلاف رٽائرڊ ملازمن نذير احمد ملاح رجب علي لنڊ محمد بچل لنڊ محمد رفيق عباسي ۽ ٻين ملازمن ميونسپل ڪاميٽي اندر مين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

اوٻاوڙو ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ مبينا واقعو، 6 ورهين جي معصوم نينگر حسنين ڪوري سان مبينا زيادتي جو الزام

حالت خراب ٿيڻ بعد نينگر کي بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي بعد پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

وقار لوهار وارن سان سندن خانداني تعلقات هئا، جنهن سبب سندس 6 ورهين جي پٽ کي گهروٺي ويا هئا

جتي مبينا طور وقار لوهار سندس معصوم پٽ سان زيادتي ڪئي، والده موجب واقعي ڪانپوءِ ٻار جي حالت خراب ٿي وئي

اوٻاوڙو (رپورٽ: عبدالحيد عباسي) اوٻاوڙو ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ مبينا واقعو، 6 ورهين جي معصوم نينگر حسنين ڪوري سان مبينا زيادتي جو الزام، حالت خراب ٿيڻ بعد نينگر کي بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

تعليم جي اهميت ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ داخلا لاءِ تعليمي آگاهي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو

پڙهندي سنڌ تہ وڌندي سنڌ" جي عنوان تحت تعلقي روهڙي جي بيدل بيڪس هائي اسڪول مان هڪ پروقار "تعليمي آگاهي ريلي" ڪڍي وئي

جنهن جو مقصد عوام ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا کي يقيني بڻائڻ آهي

سرڪاري اسڪولن ۽ باصلاحيت استادن تي اعتماد ڪندي پنهنجي ٻارن کي وڌ کان وڌ سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائين

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) تعليم جي اهميت ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ داخلا لاءِ تعليمي آگاهي ريلي جو انعقاد ڪيو ويو "پڙهندي سنڌ تہ وڌندي سنڌ" جي عنوان تحت تعلقي روهڙي جي بيدل بيڪس هائي اسڪول مان هڪ پروقار "تعليمي آگاهي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

تعليمي آگاهي ريلي
پڙهندي سنڌ
OPEN
Class to 10th
INTELLECTUAL TEACHERS OF TALUKA ROHRI, DISTT: SUKKUR

پوليس انويسٽيگيشن ڪري دڪان دار مالڪ جي مزدورن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

گهوڙاٻاري (رپورٽ شاهہ خالد)ڪجهہ ڏينهن اڳ ور شهر ۾ صورت سنگ نڪر جي ڪريانا اسٽور تان ڪاٽ لڳڻ کان پوءِ پوليس انويسٽيگيشن ڪري دڪان دار مالڪ جي مزدورن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو گرفتار ٿيل نوجوانن جي وارثن گهوڙاٻاري تعلقا پريس ڪلب ائٽ ور تي عورت مردن ٻارڙن سميت احتجاج جي مظاهرو ڪيو هنن مطالبو ڪيو تہ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ڳوٺ شير محمد ملاح ۾ واقع مسجد نور ۾ جشنِ عيد ميلاد النبي صہ جي حوالي سان هڪ روح پرور محفل منعقد

جنهن ۾ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي محفل جو آغاز تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ٿيو

جنهن بعد نعتِ رسول صہ پيش ڪري بارگاِ رسالت ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا ويا

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) پمپ هائوس ڪالوني گهارو جي ڳوٺ شير محمد ملاح ۾ واقع مسجد نور ۾ جشنِ عيد ميلاد النبي صہ جي حوالي سان هڪ روح پرور محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ عقيدت ۽ احترام سان شَرڪت ڪئي محفل جو آغاز تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ٿيو، جنهن بعد نعتِ رسول صہ پيش ڪري بارگا رسالت ۾ عقيد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

لاڙڪاڻي جي رهواسڻ پيرسن عورت طرفان ٻاٽرن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

اسان انتهائي غريب مسڪين آهيون، جڏهن تہ مونکي ڇئن پٽن ۽ ڇئن نياڻين جي اولاد آهي

منهنجو مڙس محنت مزدوري ڪري اسان جو پيٽ گذر ڪندو آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي شهر جي لهر ڪالوني جي رهواسڻ پيرسن عورت طرفان ٻاٽرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن عورت زاهده زال جاويد مگسي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29